جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 16 | ڇنڇر 10 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 27 ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 359

# مڪہ معاهدي جو مقصد سعودي عرب جو دفاع ڪرڻ آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

احمد شريف چوڌري پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ ٿيل مڪي گڏيل دفاعي معاهدي کي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي ضمانت قرار

معاهدي جو مقصد سعودي عرب جو دفاع ڪرڻ آهي ۽ ان جو دفاع ڪيو ويندو پاڪستاني فوج ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سعودي عرب ۾ موجود آهي ۽ مختلف صلاحيتن توڙي شعبن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي

مڪي گڏيل دفاعي معاهدو اوچتو وجود ۾ آيل ڪو اتحاد ناهي. معاهدي تي عملدرآمد ۽ ان جا سمورا اثر دفاعي نوعيت جا هوندا

سعودي عرب ۾ ڪهڙو دستو موڪليو ويندو، اهو ڪيئن ٽيندو ۽ معاهدي کي ڪهڙي انداز ۾ استعمال ڪيو ويندو، انهن معاملن جو فيصلو آپريشنل ڪمانڊر ڪندا

مڪي گڏيل دفاعي معاهدو خطي ۾ استحڪام جي ضمانت آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي ڪنهن به عنصر کي پنهنجا ناپاڪ مقصد پورو ڪرڻ کان اڳ ڪيترائي ڀيرا سوچڻو پوندو

پاڪستان جنگ جي خاتمي ۽ ڌرين وچ ۾ معاهدي لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ اڳتي به ڪندو رهندو. پاڪستان چاهي ٿو ته اختلاف گهٽ ٿين

اسلام آباد (بيورو) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري پاڪستان، سعودي عرب ۽ ترڪيه وچ ۾ ٿيل مڪي گڏيل دفاعي معاهدي کي خطي ۾ امن ۽ استحڪام جي ضمانت قرار ڏيندي چيو آهي ته معاهدي جو مقصد سعودي عرب جو دفاع ڪرڻ آهي ۽ ان جو دفاع ڪيو ويندو. آمريڪي نشرياتي اداري کي انٽرويو ڏيندي پاڪ فوج جي ترجمان چيو ته پاڪستاني فوج ڪيتر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

اسلام آباد: ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري پريس ڪانفرنس ڪندي

### قومي اسيمبلي اسپيڪر پاران اتر وزيرستان ۾ خارجين خلاف ڪاروائين تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق، اتر وزيرستان ۾ خارجين خلاف ڪارروائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

### پنجاب جي خصوصي اقتصادي زونز ۾ 76 ارب رپين کان وڌيڪ جي سيڙپڪاري جو رستو هموار

اسلام آباد (بيورو) خصوصي سيڙپڪاري ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) جي مسلسل سهولت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

# هر خطري ۾ پاڪستان سعودي عرب سان گڏ بيٺل رهندو: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف سعودي عرب تي حوثي مليشيا جي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي سلامتي ۽ خودمختياري جي تحفظ واري عزم جو ورجاءُ

وزيراعظم رياض ۽ ابها جي ايئرپورٽن کي نشانو بڻائڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي حملن ۾ شهرين جي فوت ٿيڻ ۽ زخمي ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو

شهباز شريف سعودي فوج ۽ اتحادي فورسز جي پيشورانه صلاحيتن ۽ فوري ڪارروائي کي ساراهيو، سعودي فوج ۽ اتحادي فورسز ڪيترن ئي بيلسٽڪ ميزائلن کي فضا ۾ ئي تباهه ڪيو

پاڪستان سعودي قيادت ۽ عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو ۽ مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ واري عزم تي قائم آهي

پاڪستان سعودي عرب جي پنهنجي عوام، شهرن ۽ اهم تنصيبات جي بچاءَ واري حق جي ڀرپور حمايت ڪري ٿو. حوثي مليشيا فوري طور سعودي عرب تي حملا بند ڪري

پاڪستان هر خطري جي مقابلي ۾ سعودي عرب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل رهندو سعودي سول ايويئيشن اٿارٽي ڪنگ خالد ۽ ابها انٽرنيشنل ايئرپورٽن تي حملن جي تصديق

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف سعودي عرب تي حوثي مليشيا جي حملن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي سلامتي ۽ خودمختياري جي تحفظ واري عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. وزيراعظم رياض ۽ ابها جي ايئرپورٽن کي نشانو بڻائڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪندي حملن ۾ شهرين جي فوت ٿيڻ ۽ زخمي ٿيڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو. شهباز شريف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

## سيڪيورٽي فورسز پاران اتر وزيرستان ۾ آپريشن، فتنه الخوارج جا 7 دهشتگرد مارجي ويا، ڪيترائي ٺڪاڻا تباهه

مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ بارود پڻ هٿ ڪيو ويو آهي

عزمِ استحڪام ويزن تحت ڪيل ڪارروائي دوران فتنه الخوارج جا ڪيترائي ٺڪاڻا پڻ تباهه ڪيا ويا

گذريل ڏينهن به اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بنياد تي آپريشن ڪندي فتنه الخوارج جا 9 دهشتگرد مارڻ جي دعويٰ ڪئي هئي

پشاور (م د) اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بنياد تي آپريشن ڪندي فتنه الخوار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

## آفريدي سميت ٻين جي گرفتاري کان روڪڻ وارو حڪم برقرار

ڪيس ڊويزن بئنچ ڏانهن اماڻيندي ٻڌڻي 20 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ جي ٻه رڪني بئنچ گڏيل ضمانت وارو ڪيس ڊويزن بئنچ ڏانهن اماڻيندي ٻڌڻي 20 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

## لانگ مارچ جو پنجون ڏينهن، قافلي جو اڄ پشاور ۾ پڙاءُ

پهرين ٽيسٽ ميچ، پوءِ ٽي ٽوئنٽي ۽ آخر ۾ ٽي ٽين ڪيڏنداسين: سهيل آفريدي

هي بلاول ۽ مريم وارو لانگ مارچ ناهي، هن ڀيري ڪو به فڪس ميچ ناهي

پشاور (م د) خيبر پختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي اڳواڻي ۾ پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جو اڄ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاه ڪانفرنس ۾ ليب جو افتتاح ڪندي

## پي ٽي آءِ حڪومت ۾ ڊيڊلاڪ ختم ڪرڻ جي ڪوشش، علي محمد خان جو اسپيڪر اياز صادق سان رابطو

جيئن ڪنهن امڪاني ڇڪتاڻ يا نقصان کان اڳ ڳالهين جو رستو ڪڍي سگهجي

هن اڄ پارليامينٽ هائوس ۾ اسپيڪر سان ڳالهه ٻولهه ڪندي درخواست ڪئي ته هو ڌرين وچ ۾ ڳالهين ٻيهر شروع ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪِ انصاف جي ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

## انساني حقن جي علمبردار ناوي پليءِ امن جو نوبيل انعام ماڻي ورتو

ناوي پلي عالمي سطح تي امن، انصاف ۽ عالمي قانون جي تحفظ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي

جنهن جي اعتراف ۾ ڪيس هن سال جو نوبيل امن انعام ڏنو پيو وڃي

اسٽاڪ هوم (م د) ڏکڻ آفريڪا سان تعلق رکندڙ نالي واري قانوندان ۽ گڏيل قومن جي انساني حقن واري اڳوڻي هاءِ ڪمشنر ناوانيٿم "ناوي"/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

### پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر نواز شريف سان سنڌ جي گورنر جي ملاقات

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر محمد نواز شريف سان سنڌ جي گورنر محمد نهال ه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

## پاڪستاني فوج سعودي ۾ رڳو دفاعي مقصدن لاءِ موجود آهي، يمن تي حملن جون خبرون بي بنياد آهن: پرڏيهي کاتو

سعودي عرب پاڪستان جو اسٽريٽجڪ پائيوار آهي، مڪي دفاعي معاهدي بابت وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم مڪمل صلاح مشورا ڪيا

ترڪي طرفان زميني فوج موڪلڻ جو فيصلو ان جو پنهنجو معاملو آهي. ترڪي مڪي دفاعي معاهدي جو حصو آهي

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) پرڏيهي کاتي چيو آهي ته /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

لاهور: ن ليگ صدر نواز شريف سان گڏرنر سنڌ ملاقات ڪندي

## خيبرپختونخوا ۾ گورنر راڄ آخري آپشن آهي، پي ٽي آءِ انتهاپسنديءَ جي سياست ڇڏي: بلاول ڀٽو

خيبرپختونخوا جون حالتون سيني جي سامهون آهن، پر صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ قانوني ايٽم بم جي برابر آهي، جنهن کي رڳو آخري آپشن طور استعمال ڪرڻ گهرجي

هڪ هفتو اڳ وفاقي حڪومت ۽ سمورو نظام خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ تيار هو پر پيپلز پارٽيءَ جو موقف هو ته اهڙن غيرمعمولي آئيني اختيارن جو استعمال آخري قدم طور ٿيڻ گهرجي

صوبائي حڪومت عوامي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ بدران انتهاپسندي ۽ نفرت جي سياست ڪري رهي آهي، جنهن جو نقصان صوبي، عوام ۽ ملڪ کي پهچي رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته خيبرپختونخوا جون حالتون سيني جي سامهون آهن، پر صوبي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ قانوني ايٽم بم جي برابر آهي، جنهن کي رڳو آخري آپشن طور استعمال ڪرڻ گهرجي. ڪراچيءَ ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

## گورنر راڄ جو فيصلو وفاق ڪندو، لانگ مارچ "لڪي ايراني سرڪس" بڻجي ويو آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

صوبي جي صورتحال بابت رپورٽ گهري وئي ته هو وفاق کي پنهنجي رپورٽ موڪلي ڇڏيندو

صوبي جون حالتون سيني جي سامهون آهن، جيڪڏهن وفاقي حڪومت رپورٽ طلب ڪئي ته هو موجوده صورتحال بابت پنهنجا مشاهدا ۽ راءِ پيش ڪندو

وفاق ڪانسواءِ خيبر پختونخوا نٿو هلي سگهي، پر صوبائي حڪومت مسلسل وفاق سان محاذ آرائي واري سياست ڪري رهي آهي

پشاور (م د) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته صوبي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ جو فيصلو وفاقي حڪومت کي ڪرڻو آهي، جڏهن ته صوبي جي صورتحال بابت رپورٽ گهري وئي ته هو وفاق کي پنهنجي رپورٽ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

## گلاسگو عالمي واٽر ڪانگريس: واٽر ڪارپوريشن جي چيف فنانشل آفيسر پاران مالي سڌارن بابت بريفنگ

ٽيڪنالاجي جي استعمال سميت ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ کنيل قدمن کان عالمي ماهرن ۽ ڪانگريس ۾ شرڪت ڪندڙ نمائندن کي آگاهه ڪيو

آپريشنل ڪارڪردگي، شفافيت ۽ ڪراچي ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جي پائيدار انتظام لاءِ کنيل قدمن کي پڻ اجاگر ڪيو

هن سروسز جي فراهمي ۾ بهتري، مالي استحڪام ۽ اداري اندر جوابدهي جي نظام بابت جاري سڌارن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي پڻ روشني وڌي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن پاران برطانيا جي شهر گلاسگو ۾ انٽرنيشنل واٽر ايسوسيئيشن (IWA) جي اهتمام هيٺ منعقد ٿيل ورلڊ واٽر ڪانگريس اينڊ ايگزيبيشن 2026ع ۾ اداري اندر جاري مالي، انتظامي ۽ اداراتي سڌارن کي عالمي سطح تي اجاگر ڪيو ويو. واٽر ڪارپوريشن جي چيف فنانشل آفيسر محمد عمار علي خان "Are fo"/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

اسلام آباد: وفاقي وزير خالد مقبول صديقي سان پرڏيهي وزير ملاقات ڪندي

## جن ڪڍڻ جي بهاني عورت تي تشدد، پيرڻي کي 3 سال قيد 96 لک ڏنڊ جي سزا

ڏوهاري ان وقت تائين جيل ۾ رهندو، جيستائين هو ارش يعني ڏنڊ جي رقم متاثر ڇوڪريءَ کي ادا نٿو ڪري

اسلامي فقه ۽ تعزيراتي قانونن ۾ ارش ان مالي معاوضي کي چيو ويندو آهي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان جي گاديءَ واري شهر اسلام آباد جي هڪ مقامي عدالت 20 ورهين جي ڇوڪريءَ کي 'جن ڪڍڻ جي عمل دوران/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

## اڳوڻي آمريڪي ميجر جي موت جي سزا براهه راست ٽي وي تي ڏيکارڻ جو فيصلو

آمريڪي فوج جي اڳوڻي ميجر ندال ملڪ حسن 2009ع ۾ ٽيڪساس جي فوجي اڏي تي فائرنگ

جنهن جي نتيجي ۾ 13 آمريڪي فوجي مارجي ويا هئا ۽ ٻيا 32 زخمي ٿيا هئا

واشنگٽن (م د) آمريڪي بچاءَ واري کاتي پينٽاگون اعلان ڪيو آهي ته فورٽ هُڊ فوجي اڏي تي فائرنگ ڪندڙ ڏوهاري ندال ملڪ حسن کي ڏ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

## محمد علي ملڪاڻي جي صدارت هيٺ صوبائي فشريز ريگوليٽري ٽاسڪ فورس جو اجلاس

ماهيگيري جي قانونن تي عملدرآمد ۽ سامونڊي وسيلن جي تحفظ جي قدمن جو جائزو

ممنوع ڄارن جي استعمال ۽ درآمد جي نگراني سميت ماهيگيري جي شعبي سان لاڳاپيل مختلف اهم معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

پاڪستان ڪوسٽ گارڊز، پوليس، هيڊڪوارٽر 5 ڪور ۽ ميرين فشريز کاتي جي ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ محمد علي ملڪاڻي جي صدارت هيٺ صوبائي فشريز ريگوليٽري ٽاسڪ فورس جو اهم اجلاس ڪراچي فشريز هاربر ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ ماهيگيري جي قانونن تي اثرائتي عمل/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

## پيپلز پارٽي گورنر راڄ جي حمايت ۾ سرگرم، ڪي پي ۾ اهڙو قدم ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين: شوڪت يوسفزئي

صوبي ۾ گورنر راڄ ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو، پيپلز پارٽي ڪڏهن به جمهوري پارٽي نه رهي آهي

پنهنجي ئي صوبي ۾ وزيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن جي گرفتارين تي ڳڻتي آهي، جنيد اڪبر خان چئي چڪو آهي ته گڏيل پاليسي تي عمل ڪرايو ويندو

پر ٻڌو آهي ته مولانا صاحب سان ٽياڪڙي لاءِ رابطو ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن مولانا صاحب ٽياڪڙي لاءِ ايندو ته سندس آجيان ڪئي ويندي

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) خيبر پختونخوا جي ترجمان شوڪت يوسفزئي چيو آهي ته پارٽي جي باني تائين رسائي ۽ ٻيا مطالبا مڃائڻ تائين لانگ مارچ جاري رهندو. هڪ بيان ۾ هن چيو ته صوبي ۾ گورنر راڄ ڪن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

## سنڌ جي مفادن ۽ ڪراچي جي معاشي اهميت کي نظر ۾ رکيو وڃي: اسپيڪر سنڌ اسيمبلي

پي پي ايل جي هيڊ آفيس ڪراچيءَ مان اسلام آباد منتقل ڪرڻ بابت سامهون آيل خبرن تي پنهنجي ڳڻتيءَ جو اظهار

ڪراچي ملڪ جو معاشي مرڪز آهي ۽ قومي ادارن جي ترقي ۽ استحڪام ۾ هن شهر جو اهم ڪردار رهيو آهي، سيد اويس قادر شاهه

پي پي ايل جي هن شهر سان ڏگهي وابستگي قومي توانائيءَ جي شعبي ۾ ڪراچيءَ جي اهميت کي پڻ ظاهر ڪري ٿي

ڪراچيءَ جي ڪاروباري اهميت ۽ اداري سان لاڳاپيل ملازمن جي مستقبل کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ (پي پي ايل) جي هيڊ آفيس ڪراچيءَ مان اسلام آباد منتقل ڪرڻ بابت سامهون آيل خبرن تي پنهنجي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڪراچ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

## سنڌ ورهائڻ جي ضد تي آهيو ته هڪ نه هزارين ٻيرلوءِ ٿيندا: رياض چانڊيو

ڏاڙي ۽ ڏوهن کي هٿي ڏيڻ لاءِ حڪمران سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا

جيڪڏهن هو پنهنجي ضد تي قائم رهيا ته هڪ ٻيرلوءِ نه، پر هزارين ٻيرلوءِ ٿيندا

سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪرائڻ ڪافي ناهي

پيپلز پارٽي سنڌ سان سچائي نه پئي ڪري، ان ڪري هو احتجاج لاءِ روڊن تي نڪتا آهن

وارهه (رپورٽر) جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض چانڊيو چيو آهي ته ڏاڙي ۽ ڏوهن کي هٿي ڏيڻ لاءِ حڪمران سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون ڪن ٿا، جيڪڏهن هو پنهنجي ضد تي قائم رهيا ته هڪ ٻيرلوءِ نه، پر هزارين ٻيرلوءِ ٿيندا. وارهه ۾ ميڊيا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

## ڏکڻ آفريڪا جي وڪيل ناري کي نوبل امن انعام ڏيڻ جو اعلان

1967 ۾ پهرين عورت وڪيل طور هن ڪم شروع ڪيو

هوءَ ڏکڻ آفريڪا ۾ هاءِ ڪورٽ جي جج به رهي ۽ نسل پرستي خلاف اهم فيصلا ڏنا

اوسلو (م د) ڏکڻ آفريڪا جي 85 سالن جي جڳ مشهور قانوندان نَوَنٿيم "ناوي" پِلي کي 2026ع جو نوبل امن انعام ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

## ڪراچي ۾ همراهه پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ هڪ همراهه پاڻ کي باهه ڏئي آپگهات جي ڪوشش ڪئي، جنهن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

## ڪراچي ۾ سومر کان گرمي وڌڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي سومر کان ڪراچيءَ ۾ گرمي وڌڻ جي اڳڪٿي ڪندي پارو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

### سپاٽي کان برساتن جي اڳڪٿي، الرٽ جاري

لاهور (م د) پنجاب جي صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (پي ڊي ايم اي) صوبي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

### بلوچستان جي دڪي مان اغوا ٿيل پنجاب جا 8 پورهيت بازياب

دڪي (م د) بلوچستان جي علائقي دڪي مان ٻه هفتا اڳ اغوا ٿيل تعميراتي ڪمپنيءَ جا 8 پورهيت بازياب ٿي ويا. بازياب ٿيل پورهيت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

## حوثين جي حملي ۾ پائلٽ سميت 3 سعودي شهري مارجي ويا

رياض جي ڪنگ خالد عالمي هوائي اڏي تي ٻن حملن جي نتيجي ۾ 3 سعودي شهري مارجي ويا

پهريون حملو هوائي اڏي جي سهولتن کي نشانو بڻايو ويو

رياض (م د) سعودي عرب جي گادي واري شهر جي هوائي اڏي تي ٻن حملن ۾ 3 سعودي شهري مارجي ويا. ڪيترائي زخمي ٿي پيا. سعودي عرب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

## ڪراچي: حوالا هنڊي ڪندڙ جوابدار گرفتار

هڪ جوابدار کي پرڏيهي ڪرنسي ۽ اهم ثبوتن سميت گرفتار ڪري ورتو

ايف آءِ اي سي بي سي ڪراچي جي ٽيم ڪارروائي ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) ڪراچي ۾ غيرقانوني هنڊي حوالا خلاف ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي پرڏيهي ڪرنس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

### ايس پي ايس سي ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف شاگردن جو لانگ مارچ شروع، 14 آڪٽوبر تي سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻي جو اعلان

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ايس پي ايس سي) ۾ ميرٽ جي لت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

لاهور: وزيراعلي پنجاب مريم نواز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

## اٽي جي اگهن ۾ واڌ، شهري مهانگو اٽو خريدڻ تي مجبور

هڪ هفتي دوران 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي اگهه ۾ 400 رپين تائين اضافو ٿيو

ملڪ ۾ سالياني مهانگائيءَ جي شرح پڻ وڌي 11.97 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ مهانگائيءَ جي شرح ۾ هفتيوار بنيادن تي وڌيڪ 0.57 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي، جڏهن ته هڪ هفتي دوران/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

### حيدرآباد ۾ ڊي ايس پي اشرف قريشي جي فائرنگ ۾ زخمي نوجوان دم ڏئي ڇڏيو، دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ ڊي ايس پي اشرف قريشي جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل ٽن م/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

## تهران سان نتيجا ڏيندڙ ڳالهيون جاري آهن، وچ مدي وارين چونڊن تائين ايران تي حملا نه ڪبا: ٽرمپ

آمريڪا جون ايران سان نتيجا ڏيندڙ ڳالهيون جاري آهن

وچ مدي وارين چونڊن تائين ايران تي حملو نه ڪيو ويندو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ وچ مدي وارين چونڊن کان اڳ ايران تي حملا نه ڪرڻ جو اعلان ڪندي تهران سان نتيجا ڏيندڙ ڳالهيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

## ايران خلاف جنگ آمريڪا کي ڳچيءَ ۾ پئجي وئي، 81 فوجي جهاز ۽ ڊرون تباهه، نقصان 3.3 ارب ڊالر تائين پهچي ويو

پهرين آگسٽ تائين هوائي اثاثن جي نقصان جو ڪاٿو 1.9 ارب کان 3.3 ارب ڊالر تائين لڳايو ويو هو

28 فيبروري تي شروع ٿيل آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران خلاف جنگ اٺين مهيني ۾ داخل ٿي چڪي آهي

هڪ ايف-35 اي لائٽننگ ٽو، ست ڪي سي-135 فضائي تيل ڀرڻ وارا جهاز ۽ 45 ايم ڪيو-9 ريپر ڊرون شامل آهن

واشنگٽن (م د) آمريڪي ڪانگريس جي بجيٽ آفيس (سي بي او) جي نئين رپورٽ موجب، هلندڙ سال ايران خلاف شروع ڪيل آمريڪي جنگ "آپريشن ايپڪ فيوري" دوران گهٽ ۾ گهٽ 81 آمريڪي فوجي جهاز ۽ ڊرون تباهه يا نقصان ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

لاهور: شاگرديائڻيون اين سي اي ۾ جاري نمائش ڏسي رهيون آهن

## ڌاٻيجي پمپنگ اسٽيشن جي بجلي بحال

بجلي بحال ٿيندي ئي ڌاٻيجي جي سمورن پمپن ذريعي پاڻي جي فراهمي شروع ڪئي وئي آهي

شهر جي متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي معمول موجب بحال ڪئي وئي آهي

بجلي بند هجڻ سبب ڌاٻيجي مان شهر کي 91 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو

ڪراچي (رپورٽر) ڪي اليڪٽرڪ ڌاٻيجي پمپنگ اسٽيشن جي بجلي مڪمل طور بحال ڪري ڇڏي آهي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب بجلي بحال ٿيندي ئي ڌاٻيجي جي سمورن پمپن ذريعي پاڻي جي فراهمي شروع ڪئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

ڇنڇر 10 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 27ربيع الثاني 1448ھ

# اٽو عوام جي پهچ کان ٻاهر

اٽو ڪنهن به معاشري جي عام ماڻهو جي بنيادي خوراڪ آهي، تنهن ڪري ان جي قيمت ۾ معمولي واڌ به سڌي ريت غريب ۽ وچولي طبقي جي گهرن جي بجيٽ کي متاثر ڪري ٿي، پر جڏهن اٽي جي اگهن ۾ اوچتو ۽ مسلسل اضافو ٿيڻ لڳي ته ان جا اثر رڳو هڪ خوراڪي شيءِ تائين محدود نٿا رهن، پر سڄي مهانگائي جي لهر کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏين ٿا. سنڌ ڪانسواءِ پنجاب ۾ به اٽي جي قيمتن ۾ واڌ واري صورتحال عوام لاءِ ڳڻتي جو سبب بڻجي وئي آهي. ڪڻڪ جي قيمت ۾ واڌ، فلور ملز کي سرڪاري ڪڻڪ جي فراهمي ۾ گهٽتائي ۽ مارڪيٽ ۾ اٽي جي اگهن ۾ اضافو اهڙا معاملا آهن، جن جو سڌو بار عام صارف برداشت ڪري رهيو آهي. سنڌ ۾ به اٽي جي قيمت ۾ في ڪلو 20 رپيا واڌ ڪانپوءِ 10 ڪلو اٽي جو ٿيلهو 1900 رپين تائين پهچڻ ان ڳالهه جو واضح اظهار آهي ته عام ماڻهو لاءِ روزاني خوراڪ جو خرچ ڪيترو وڌي ويو آهي.

اٽي جي اگهن ۾ واڌ جو سڀ کان وڏو اثر انهن خاندانن تي پوي ٿو، جن جي آمدني محدود آهي ۽ جن جي گهريلو بجيٽ جو وڏو حصو خوراڪ تي خرچ ٿئي ٿو. هڪ طرف بجلي، گئس، پيٽرول، دوائن، تعليم ۽ سفر جا خرج وڌي رهيا آهن ته ٻئي طرف روزاني استعمال جون شيون به مسلسل مهانگيون ٿي رهيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ اٽي جي قيمت ۾ 20 رپيا في ڪلو واڌ به غريب خاندان لاءِ معمولي ڳالهه ناهي، جنهن گهر ۾ ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ روزانو ماني تيار ٿئي ٿي، اتي اٽي جي قيمت ۾ هر اضافي رپيو مهيني جي خرچ ۾ وڏو فرق پيدا ڪري ٿو. ڪيترائي مزدور، پورهيت، گهٽ پگهاردار ملازم ۽ محدود آمدني وارا خاندان اڳ ئي پنهنجي آمدني ۽ خرچن ۾ توازن قائم ڪرڻ لاءِ سخت پريشان آهن. انهن لاءِ بنيادي خوراڪ جي قيمت ۾ اضافو وڌيڪ معاشي دٻاءُ پيدا ڪري ٿو.

اٽي جي اگهن ۾ واڌ جي حوالي سان ڪڻڪ جي فراهمي ۽ سرڪاري ڪوٽا جو مسئلو پڻ اهم آهي. پنجاب ۾ فلور ملز کي سرڪاري ڪڻڪ جي فراهمي ۽ انهن جي طلب ۾ وڏو فرق هجڻ بابت جيڪي انگ اکر سامهون آيا آهن، تن مان ظاهر ٿئي ٿو ته فراهمي ۽ طلب ۾ توازن برقرار رکڻ لاءِ واضح حڪمت عملي جي ضرورت آهي. جيڪڏهن فلور ملز کي گهربل مقدار ۾ ڪڻڪ دستياب نه هوندي ته ڪليل منڊي تي دارومدار وڌندو ۽ ان جو اثر اٽي جي قيمت تي پوندو. پر ساڳئي وقت حڪومتن کي اهو پڻ ڏسڻو پوندو ته ڪڻڪ جي فراهمي ۾ ڪوٽ جو فائدو وٺي ڪنهن به سطح تي ناجائز منافعو خوري، ذخيره اندوزي يا مصنوعي کوٽ ته پيدا نه ڪئي پئي وڃي.

سنڌ حڪومت پاران 15 آڪٽوبر کان سبسڊي واري ڪڻڪ جاري ڪرڻ جو فيصلو اميدوار قدم آهي، پر عوام لاءِ اصل اهميت ان ڳالهه جي آهي ته ان جو فائدو واقعي صارف تائين پهچي. ماضي ۾ ڪيترائي ڀيرا سرڪاري سبسڊي، امداد يا رعايتي شين جو اعلان ته ٿيو، پر عام ماڻهو تائين ان جو مڪمل فائدو پهچڻ بابت سوال برقرار رهيا. ان ڪري سبسڊي واري ڪڻڪ جي ورڇ جو شفاف نظام، فلور ملز جي نگراني، اٽي جي معيار ۽ قيمت جي باقاعده جانچ ضروري آهي. حڪومت کي رڳو ڪڻڪ جاري ڪرڻ تائين محدود رهڻ بدران اٽي جي قيمت به مقرر حد اندر رکڻ لاءِ مؤثر نگراني ڪرڻي پوندي.

اٽي جي قيمت ۾ واڌ جو هڪ ٻيو اهم پاسو مارڪيٽ ۾ سپلاءِ جو تسلسل آهي. جيڪڏهن فلور ملز ڪجهه ڏينهن لاءِ اٽي جي فراهمي روڪي ڇڏين ۽ ان جي نتيجي ۾ دڪانن تي اسٽاڪ جي کوٽ پيدا ٿئي ته صارف وٽ مهانگي اگهه تي اٽو خريد ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو رستو نٿو رهي. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت ۽ انتظاميا جي ذميواري وڌي وڃي ٿي ته مارڪيٽ ۾ اٽي جي مسلسل فراهمي يقيني بڻائي. ذخيره اندوزي خلاف ڪارروائي ڪري ۽ مقرر اگهن تي وڪري کي يقيني بڻائي. رڳو قيمت مقرر ڪرڻ ڪافي ناهي، ان تي عمل ڪرائڻ به ضروري آهي.

حڪومتن کي ڪڻڪ جي مجموعي ذخيري، مقامي پيداوار، درآمد، سرڪاري خريداري ۽ فلور ملز جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي اڳواٽ جامع منصوبابندي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن درآمد ٿيل ڪڻڪ نومبر تائين اچڻ جو امڪان آهي ته ان عرصي دوران مارڪيٽ ۾ طلب ۽ رسد جي فرق کي ڪيئن ختم ڪيو ويندو، ان لاءِ به واضح حڪمت عملي عوام آڏو اچڻ گهرجي. خوراڪ جهڙي بنيادي ضرورت جي معاملي ۾ بحران اچڻ ڪانپوءِ قدم کڻڻ بدران اڳواٽ انتظام ڪرڻ وڌيڪ ضروري آهي.

ساڳئي وقت فلور ملز ۽ واپاري ڌرين کي به پنهنجي ذميواري محسوس ڪرڻي پوندي. ڪاروبار ڪرڻ هر ڪنهن جو حق آهي، پر بنيادي خوراڪ جي معاملي ۾ ناجائز منافعو خوري يا مصنوعي کوٽ پيدا ڪرڻ جو عمل سڌو سنئون لکين خاندانن کي متاثر ڪري سگهي ٿو. حڪومت کي ڪاروباري سرگرمي ۽ صارف جي حقن ۾ توازن رکندي اهڙو نظام قائم ڪرڻو پوندو، جنهن ۾ صنعت به هلي ۽ عوام کي به مناسب اگهه تي اٽو دستياب رهي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ ۽ پنجاب سميت سموري ملڪ ۾ اٽي جي اگهن کي سياسي بيانن يا عارضي قدمن بدران مستقل ۽ عملي پاليسي سان ڳنڍيو وڃي. ڪڻڪ جي پيداوار وڌائڻ، سرڪاري ذخيرن کي منظم رکڻ، ذخيره اندوزي کي روڪڻ، فلور ملز جي نگراني، شفاف سبسڊي ۽ پرچون سطح تي اگهن جي چڪاس لاءِ گڏيل نظام جوڙيو وڃي. ضلعي انتظاميا کي به مارڪيٽن ۾ روزاني بنيادن تي اگهن جي نگراني ڪرڻ گهرجي ته جيئن سرڪاري اگهه ۽ دڪانن تي وڪرو ٿيندڙ قيمت ۾ غيرمعمولي فرق پيدا نه ٿئي.

عام ماڻهو کي سستي ماني فراهم ڪرڻ رڳو ڪنهن هڪ اداري يا حڪومت جي ذميواري ناهي، پر اها رياستي انتظام جو بنيادي امتحان آهي. جنهن وقت هڪ مزدور پنهنجي سڄي ڏينهن جي ڪمائي مان گهر لاءِ اٽو وٺڻ ڪانپوءِ ٻين بنيادي ضرورتن لاءِ رقم بچائڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪري، ان وقت مهانگائي جا انگ اکر رڳو انگ اکر نٿا رهن، اهي انساني زندگي جي تڪليف بڻجي وڃن ٿا. تنهن ڪري حڪومتن کي عوام جي تڪليفن کي نظر ۾ رکندي فوري طور اٽي جي اگهن ۾ استحڪام آڻڻ، سبسڊي جو حقيقي فائدو عوام تائين پهچائڻ ۽ ڪڻڪ جي فراهمي جو مستقل نظام يقيني بڻائڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته عوام لاءِ سستي ۽ معياري ماني ڪنهن به رليف کان گهٽ اهميت نٿي رکي.

# سنڌ جي قومي جدوجهد جي ڏگهي سفر ۾ پيرپٽون ڪندڙ: ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو

### اعظم پٽي

ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو کي ڪير نه سڃاڻندو هوندو؟ ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو سنڌ ۽ سائين جي. ايم. سيد جا سچو عاشق، دانشور، قانون جا ماهر ۽ ڪميٽيڊ قومپرست اڳواڻ آهن، جنهن ڏگهي سياسي سفر ۾ پنهنجا پيرپٽون ڪيا آهن. سنڌ جي قومي جدوجهد جي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ واري سفر ۾ ساٿ ۾ سنڌن فڪري ۽ سياسي رهنمائي سنڌ جو درد رکندڙ هر فرد لاءِ هميشه مشعل راهه بڻيل رهي آهي. موجوده وقت ۾ سنڌ جي ڏاهپ، دانش ۽ عمل جي لحاظ کان اسي سالن جو هي بزرگ نه رڳو سنڌ جو عاشق پر هر سنڌ دوست فرد جو پرجهلو بڻيل آهي. مون لاءِ سندس احساس، محبت ۽ شفقت ڪنهن تاريخي اعزاز کان گهٽ ناهي، پر آئون اهو ئي سمجهان ٿو ته سندس ان شفقت واري کان وڏو اعزاز مون لاءِ ڪو به ڪونهي. اسان سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان جي پليٽ فارم 2019ع کان وٺي هن وقت تائين هر سال سنڌ جي نامور دانشور، تعليمدان، سماج سڌارڪ، سپلا جي باني اڳواڻ پروفيسر لياقت عزيز سولنگي جي ورسي ملهائيندا پيا اچون. سوهن سال به 30 سيپٽمبر 2026ع تي سندس ورسي تقريب جي حوالي سان ڪيس اڳواٽ آگاهه ڪرڻ ۽ دعوت ڏيڻ لاءِ فون ڪيم، پاڻ ڏاڍي شفقت ۽ پيار سان چيائين ته "روايتي ورسيون، تقريبون ملهائيندا پيا اچون، ملهائيندا رهنداسين، سنڌ کي هن وقت مزاحمتي اتساهه جي ضرورت آهي، ان لاءِ ڪجهه نئون ڪجي، ڪجهه نئون سوچجي. تقريب ۾ اتساهه جي حوالي سان ڪا نواڻ هجڻ گهرجي." مون دوستن سان صلاح مشورا ڪري، اهو گڏيل فيصلو ڪيو ته پروفيسر لياقت عزيز جي ورسي تقريب "پروفيسر لياقت عزيز سولنگي: سنڌ دوست مزاحمتي ڪردار" جي عنوان سان ملهائينداسين. اهڙو دعوت نامون تيار ڪرائي سيني دوستن کي روانو ڪيم. 14 سيپٽمبر 2026ع تي ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي، فيس بڪ جي ميسينجر ۾ مونکي لکيو ته: "سائين اعظم پٽي! توهان مبارڪباد جا مستحق آهيو ۽ سائين لياقت عزيز جي مزاحمتي ڪردار ۽ ترقي پسند سوچ کي اجاگر ڪرڻ جي ان ڪري به ضرورت آهي، جو سنڌ هن وقت سخت سنگين صورتحال مان گذري پئي، هن وقت سائين جي همتن مان انسپائريشن کڻڻ سنڌ جي ضرورت آهي. اوهان لاءِ سلامتيون ۽ محبتون."

اهڙي اتساهيندڙ اءِ تي مون سندس ٿورا مڃيا! وري لکيائين ته: "يار دلبر! پوڙهو ٿي ويو آهيان. اسان چار دوست هر هفتي سائين وٽ ايندا هئاسين. (1) سائين يعقوب چانڊيو (2) سائين غلام رسول سهتو (3) آئون ۽ چوٿون سائين پرائمري استادن جو اڳواڻ ۽ سائين لياقت عزيز جو ساٿي هو ڪوٽڙي وارو، ان جو پورو نالو لکو ته سائين لياقت وارو پوسٽر رکي ان تي پنهنجا رايا لکان." مون کيس ان وقت ئي جواب ڏنو ته اهو چوٿون شخص سائين قادر بخش طالباڻي هو. ان بعد لکيائين ته: "سائين اعظم پٽي! پوسٽ رکي اٿم توهان جو بڻندڙ هٽي، ٿورو ان تي نظر وجهو جي چڱو لڳي ته ان کي پڪيڙيو!" وڌيڪ لکيائين ته: "سائين اعظم ! عرض هي ته سموري سنڌ جي عام دوستن تائين سائين لياقت عزيز جون ڳالهيون پهچائيون هيون، انهن جو ورجاءِ سائين جي ورسي تي نه ڪيو ويندو، اتي صرف سائين جي مزاحمتي ڪردار تي ڳالهائبو. توهان سان محبتن جو هڪ ٻيو سبب اٿم چاچا عزيزالسلام بخاري، هو منهنجو به استاد ۽ سڀ ڪجهه هو." مون ان وقت ئي سندس فيس بڪ ديوار ڳولڻ شروع ڪئي. جنهن تي پاڻ ورسي تقريب جي دعوت نامي سان گڏ لکيائين ته: " يادگيريون نه وسارڻ جهڙا ڪردار: سائين لياقت عزيز سولنگيءَ تي لکڻ کان پهرين هي هڪ ذاتي مشاهدو پڙهندا. گهڻا سال ٿيندا جو هڪ ڏينهن استادن جي هڪ تنظيم جو اڳواڻ پنهنجي ڪنهن مسئلي تي قانوني مشورو وٺڻ آيو هن کي ٻاهر موڪلائڻ ويس ته نئين ماڊل جي ڪرولا ڪار بيٺل هُئي چيومانس يار هروبرو ٽئڪسي ڪري آيو آهين، مون کي ٽيليفون ڪري ڇڏين ها. ان تي هن وڏو ٽهڪ ڏنو ۽ چيائين "ڪامريڊ! پنهنجي نئين ورتي اٿم، باقي تون هروبرو پيو سياست ۾ مٿيءَ ڦڪين"

ورندي ڏنيمانس "سياست ۾ به پئسو جام آهي پر ماڻهو بيغيرت بي حيا ۽ وطن فروش ٿيئي ته...!!" سائين لياقت عزيز رڳو پروفيسرن ۽ استادن جو اڳواڻ ڪونه هو پر پنهنجي سبجيڪٽ جا ريگيولر ڪلاس وٺندڙ ۽ ٻين استادن کي به ان واٽ تي هلائيندڙ هو هو رڳو ليڪچرارن جي تنظيم سپلا جو سربراهه ڪونه هو پر هن پرائمري ۽ سيڪنڊري استادن جي تنظيمن سان اتحاد جوڙيو، ان جو به سربراهه هو. وٽس نه گاڏي هُئي، نڪو پنهنجو ورتل گهر هُئس، مير محلي ٽنڊي محمد خان ۾ مائٽاڻو سادو گهر، جتي سندس والد مير اعجاز جو پورهيت هو. مير صاحب کي پٽي جي ديڳ مان هڪڙي نوڪري اسسٽنٽ ڪمشنري جي ملي، ان زماني ۾ نوڪريون وڪڻڻ عيب هو. مير اعجاز علي ٽالپر، لياقت عزيز کي گهرائي پڇيو ڇا پڙهيو آهين؟ سائين! "ايم اي پوليٽيڪل سائنس پاس ڪئي اٿم" مير صاحب چيو: "ڪراچي وڃان پيو، اسسٽنٽ ڪمشنري جي سيٽ پٽي صاحب ڏني آهي، تنهنجي لاءِ آرڊر وٺي ٿو اچان مونکي سرٽيفڪيٽ ڏي."

لياقت عزيز: "سائين مونکي اسسٽنٽ ڪمشنري نٿي گهرجي، مونکي ڪاليج جي ليڪچراري وٺي ڏي." هن جي نالي کان تعليم کاتي جا سيڪريٽري ڪن هٽندا هُئا، هڪ دفعي هڪ سيڪريٽري استادن کي گهٽ وڌ ڳالهايو. لياقت سائين نڪا ڪئي هم نڪا تم، پير مان جوتو لاهي، سيڪريٽري جي ٻوٿ ۾ هٽي ڪڍيو، چئي هُهڙا تهڙا ! استادن کي ٿو گاريون ڏين. (سائين پروفيسر يعقوب چانڊيو ان جو اکين ڏٺو شاهد آهي.) سائين جي همتن جرائتن جو هڪ ٻيو سچار استاد سائين قادر بخش طالباڻي مرحوم به هو. ڪيس سينارٽي هوندي پروفيسري جو پروموشن نه ڏنو ويو، نڪا ڪا هن طلب ڪئي، پڇيومانس ڇو نٿو طلبين؟ اهو ته توهانجو حق آهي، چيائين گهرڻ سان ماڻهو جو وقار ڪري پوندو، ان عيوض بدمعاشن کي رعايتون ڏيڻيون پونديون. سندس نسيم نگر فيزون ۾ گهر، هن جي ٻي گهر واري محترمه جو هو، جنهن ان کي اسڪيم جي شروعات کان رجسٽر ڪرائي قسطن ۾ ورتو هو. آخري وقت ۾ اسين هينيان چار ساٿي هر هفتي ٽنڊي محمد خان ۾ هن سان ملڻ ويندا هُئاسين. 1. سائين غلام رسول سهتو مرحوم 2. سائين قادر بخش طالباڻي مرحوم 3. سائين پروفيسر يعقوب چانڊيو 4. ۽ آئون مرڻ وارا ! اسين تنهنجي سنڌ دوستي، عوام دوستي، تعليم دوستي، همتن ۽ جرئتن جا اک ڏٺا شاهد آهيون. آئون ترقي پسند، سنڌ دوست سوچ رکندڙ، سنڌي ادبي سنگت ٽنڊي محمد خان جي سائين اعظم پٽي جو ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين ٽنڊي محمد خان چيپٽر جو ٿورائتو آهيان جن محبتن سان هن جي ورسي جي ڪوٺ ڏني آهي." (حسين بخش ٿيٻو جي فيس بڪ ديوار تان کنيل)

خيرن سان 30 سيپٽمبر 2026ع ورسي جي شاندار تقريب ٿي. 1 آڪٽوبر 2026ع تي وري فيس بڪ ميسينجر ۾ لکيائين ته: "دلبر سائين اعظم پٽي! سامهون ويٺلن جا نالا اشوٽاما کان نمبروار لکو، ڪجهه سڃاڻان ڪجهه نٿو سڃاڻان، توهين سيني جا لکي موڪليو، ٻيو پنهنجي اسٽيج تي هڪڙي منهنجي پيڻ ويٺل هُئي، ان جو نالو به لکندا. مهرباني!"

مون ڪيس جواب ۾ لکيو ته: "ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻو، پروفيسر يعقوب چانڊيو، آصف بالادي، فهيم نوناري، ڊاڪٽر اشوٽاما، عمران حفيظ ڳنيپير، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، مسز ياسمين آغا، عنزه اعظم پٽي!" لکيائين ته: "هاڻي توهانجي ڏنل ايوارڊ جي فوٽو سان، مختصر ڪري لکيو اٿم، ٿورو پڙهي وٺو، جي ان ۾ ڪا ڪمي پيشي هجي ته ان باڪس ۾ لکندا، فوري درست ڪري وٺبي!" اهو به پڇيائين ته: "عنزه اعظم توهان جي نياڻي آهي؟" مون وراڻيو: "جي ها قبلا!"

ميار ڏنائين ته: "بابا! توهان تي وڏو وڏو ڏنڊ پئجي ويو، مونکي ان جو هاسيڪار تعارف ڪرايو ها، هوءَ منهنجي به عزت ماب ڌيءَ آهي." ڪجهه شرمندگيءَ به ٿي، تقريب جي ميزباني جا فرائض سرانجام ڏيندي، سموري تقريب جي وٽ وٺان سبب تعارف جو خيال ئي ذهن ۾ نه آيو. وري اهو به ميسينجر ۾ ٻڌايومانس ته: "قبلا! تقريب جي شروعات ۾ جنهن ننڍڙيءَ فلزه پٽي، سائين لياقت عزيز سولنگي جو گيت پڙهيو هو، اها به منهنجي ڌيءَ آهي!" ان ئي تسلسل ۾ لکيائين ته: "هاڻي ڏنڊ ٻيڻو ٿي ويو." مون عرض ڪيو: "قبلا! بلڪل ڏنڊ ڀربو!"

30 سيپٽمبر 2026ع تي فيس بڪ تي ئي سائين لياقت عزيز بابت اپلوڊ ڪيل منهنجي هڪ مضمون تي پاڻ رايو لکيائين ته "سائين لياقت عزيز بابت معلومات جو خزانو وري نئين سر ياد ڏياريو اٿو، ان لاءِ توهانکي جس هجي." اها ساڳي ڳالهه ان ئي ڏينهن ورسي تقريب ۾ به ورجايائين. ائين لڳو جڻ ته ڪو اسانجو واسطو صدين کان آهي، مٽيءَ جي مهڪ جهڙي اها سڃاڻپ ۽ سندس پاران هر وقت ملندڙ پيار ۽ شفقت شايد تاريخ منهنجي حصي ۾ آندي آهي! اهو سمورو پيار ۽ محبت ڏسي مونکي سنڌ جو جاکوڙي قومپرست اڳواڻ ۽ مون لاءِ هڪ وڏو اتساهه لائق ڪردار سائين عبدالواحد آريسر ياد اچي ويندو آهي. جيڪو به ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي جيان رهنمائي، پيار ۽ شفقت جو چانورو بڻيل هو.

خير ڪامريڊ جي حڪم تي فس بڪ ديوار تي وري ڳولي سندس ايوارڊ جي فوٽو سان رکيل پوسٽ پڙهيم! جنهن ۾ ڪجهه ڏينهن جي تحرڪ ۽ سرگرمين جو انتهائي خوبصورت تذڪرو ڪيائين، مون ان تذڪري مان هڪ ٽڪرو چونڊ ڪري، ڪاپي ڪري عرض ڪيومانس ته اهو ٽڪرو فيس بڪ تي رکڻ جي اجازت هجي ته رکان؟ لکيائين ته: "بابا سائين! توهانکي هر طرح جي اجازت آهي. پروفن جون چڪون چيڪ ڪيجو، نظر گهٽ آهي، ان سبب اهي هونديون."

مون سندس لکت مان اجازت موجب چونڊ ٽڪرو ڪڍي ڪيس موڪليو، جنهن ۾ لکيائين ته: "30 سيپٽمبر 2026ع: سنڌ ۾ ڪي ٿوريون سنڌي ادبي سنگت جون برانچون ايترو متحرڪ هونديون جيترو ٽنڊو محمد خان جي برانچ آهي. منهنجي سٺ سالن کان دوست مهربان ساٿي سائين لياقت عزيز سولنگيءَ جي ورسيءَ تي ٽنڊو محمد خان، سائين پروفيسر يعقوب چانڊيو سان حسب روايت گڏجي پهتاسين، اتي برادر اشوٽاما پڻ موجود هو. اتي سنڌي ادبي سنگت ٽنڊو محمد خان طرفان مون کي "لائيف ٽائيم اچيومينٽ" جو ايوارڊ ڏنو ويو. آئون سمجهان ٿو ته منهنجي زندگيءَ جو اهو تمام قيمتي اعزاز آهي، جيڪو سنڌ جي ادب ۽ ڏاهپ جي سرجڻهارن طرفان مونکي عنايت ڪيو ويو آهي. توهان مان گهڻن کي خبر نه هوندي ته سائين لياقت عزيز سولنگي ڪميونسٽ پارٽي جي سينٽرل ڪاميٽي جو ميمبر هو سنڌ جي نالي وٺڻ تي ان وقت (1978_80) جي ڪميونسٽ پارٽي تي ڇانيل لاهور ۽ ڪراچي لابين جا ڪامريڊ چڙي پوندا هُئا. ان جو اظهار شهادت کان ڪجه وقت پهرين شهيد نظير عباسي، سڄي ڄمار سوشلسٽ سنڌ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ محترم گلشير شر سان گڏ ۾ به راتيون رهڻ دوران ڪيو هو. سائين لياقت عزيز ان سبب پارٽي جي سينٽرل ڪاميٽيءَ تان استعفي ڏني، هو اول ۽ آخر سنڌ سان محبت ڪندڙ هو. (تصديق لاءِ ڏسو برادر شبير شر جي جيل ڊائري "ڊاندرس قيدي" ڪامريڊ گلشير شر جا گڏريل بيان) جيڪا وسيت ۽ وسيلا آهن، انهن آهر پنهنجو رشتو سنڌ جي عوام سان لاڳيتو قائم رکڻ جي ڪوشش ڪريان پيو." هي هو ڪامريڊ حسين بخش ٿيٻي سان اهو برقي رابطو، جيڪو مونکي ڪنهن نوبل پرائيز کان به وڌيڪ اهميت ۽ افاديت وارو محسوس ٿيندو آهي. ڇاڪاڻ جو اسان ادبي ورڪر پنهنجي وس ۽ وت آهر هر تحرڪ کي زندگيءَ جو اهم مقصد سمجهي، منزل ڏي ٻانبڙا پائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. خبر ناهي ته مستقبل جو مورخ ان کي ڪهڙي نظر سان ڏسندو. پر موجوده تاريخ جا اهي پانڌيئڙا، جن جي جتين ۾ به صدين جو ٿڪ سمايل آهي، انهن جي رهنمائي، محبت ۽ شفقت ئي اسان لاءِ تاريخ جو اهم حصو آهي. اها اهم ڳالهه آهي ته جنهن تاريخ ۾ جيئڻ چاهيون ٿا، ان ۾ اڃا آزاديءَ جي سج کي اڀرڻو آهي ۽ اهو ضرور اڀرندو. اهو ئي اسانجو ايمان ۽ ويساهه آهي. پختي ويساهه ۾ چرندڙ ڦرندڙ ماڻهو ڪڏهن به تاريخ جي هٿان هارائي نٿا سگهن. اسان جيڪڏهن هارايو آهي، شڪستون کاڌيون آهن ته اسان پنهنجي انهن شڪستن سان به پيار آهي. ان ئي پيار مان اسانکي پنهنجي ايندڙ فتحن جا ڏگ ڳولڻا آهن. پنهنجي ايندڙ نسلن جي اجري صبح جي سج جا ڪرڻا پسڻا آهن.

# عوام کي رليف ڇو نٿو ملي؟

### غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان ۾ عام ماڻهو لاءِ زندگي ڏينهون ڏينهن ڏکي ٿيندي پئي وڃي. مهانگائي، بجلي جا بل، پيٽرول، گئس، کاڌي پيتي جون شيون، تعليم ۽ علاج جا وڌندڙ خرچ عام خاندان جي بجيٽ کي سخت متاثر ڪري رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ عوام جون نظرون حڪومت ڏانهن هونديون آهن ته حڪومت ڪين رليف فراهم ڪري، پر سوال اهو آهي ته عوام کي گهربل رليف آخر ڇو نٿو ملي؟

عام ماڻهو لاءِ معاشي انگ اکر ايترا اهم ناهن جيترو سندس گهر جو خرچ. هڪ پورهيت لاءِ سڀ کان وڏو مسئلو اهو آهي ته مهيني جي آمدني مان گهر جو راشن، ٻارن جي تعليم، بجلي جو بل ۽ علاج جا خرچ ڪيئن پورا ڪيا وڃن. جڏهن آمدني ساڳي رهي ۽ خرچ مسلسل وڌندا وڃن ته خاندانن لاءِ زندگي جو گاڏو هلائڻ ڏکيو ٿي وڃي ٿو.

حڪومت لاءِ به صورتحال آسان ناهي. ملڪ کي قرضن جي ادائيگين، محدود مالي وسيلن، توانائي جي شعبي جي مسئلن ۽ معاشي ذميوارين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. پر ان سان گڏ حڪومت جي ذميواري اها به آهي ته معاشي استحڪام جو بار مڪمل طور تي عام ماڻهو تي نه پوي. رياست کي اهڙيون پاليسيون اختيار ڪرڻيون پونديون، جن سان هڪ طرف ملڪ جي معيشت مضبوط ٿئي ۽ ٻئي طرف گهٽ آمدني وارن خاندانن کي تحفظ ملي.

بجلي جا وڌندڙ بل عوام لاءِ سڀ کان وڏين پريشانين مان هڪ آهن. هڪ عام خاندان لاءِ بجلي جو بل ادا ڪرڻ هاڻي مهيني جي اهم خرچن مان بڻجي ويو آهي. جيڪڏهن بجلي مهانگي ٿيندي ته ان جو اثر رڳو گهرن تائين محدود نه رهندو، پر ڪاروبار، صنعت، زراعت ۽ روزگار تي به پوندو. تنهنڪري توانائي جي شعبي ۾ اهڙيون ڏگهي مدي واريون پاليسيون گهربل آهن، جيڪي عوام ۽ معيشت ٻنهي لاءِ فائديمند هجن.

پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ به عام ماڻهو جي زندگي تي سڌو اثر وجهي ٿي. ٽرانسپورٽ مهانگي ٿئي ٿي ته ان سان گڏ کاڌي پيتي ۽ ٻين شين جي پهچ جا خرچ به وڌن ٿا. نتيجي ۾ بازار ۾ شين جون قيمتون وڌن ٿيون ۽ محدود آمدني وارو طبقو وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو.

حڪومت کي پنهنجي خرچن تي به نظر وجهڻ گهرجي. جڏهن عوام کان قرباني گهري وڃي ٿي ته عوام اهو به ڏسڻ چاهي ٿو ته حڪومتي سطح تي غيرضروري خرچ ڪيتري گهٽايا پيا وڃن. جيڪڏهن محدود وسيلا موجود آهن ته انهن کي پهرين صحت، تعليم، روزگار، زراعت ۽ غريب خاندانن جي مدد تي خرچ ڪرڻ گهرجي.

رليف جو مطلب صرف ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪنهن شيءِ جي قيمت گهٽائڻ نه آهي. حقيقي رليف تڏهن ٿيندو جڏهن ماڻهن جي آمدني ۾ واڌ جا موقعا پيدا ٿين، روزگار وڌي، ڪاروبار لاءِ ماحول بهتر ٿئي، هارين کي مناسب سهولتون ملن ۽ عام ماڻهو کي علاج ۽ تعليم لاءِ پنهنجي گهر جو سڄو خرچ قربان نه ڪرڻو پوي.

ان سان گڏ بازار ۾ ذخيره اندوزي ۽ ناجائز منافعي خوري خلاف به سخت ۽ مسلسل ڪارروائي ضروري آهي. ڪيترائي ڀيرا سرڪاري اگهه مقرر ٿيڻ باوجود بازار ۾ شيون مهانگيون وڪامنديون آهن، جنهن جو بار آخرڪار غريب صارف تي پوي ٿو. ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل ادارن کي رڳو اعلانن بدران عملي نگراني ڪرڻي پوندي.

عوام حڪومت کان وڏا واعدا نه، پر عملي قدم چاهي ٿو. ماڻهو چاهي ٿو ته سندن بجلي جو بل گهٽجي، روزگار جا موقعا وڌن، ٻارن جي تعليم برداشت جوڳي رهي، علاج جا خرچ گهٽ ٿين ۽ گهر جو چلهو عزت سان ٻري.

حڪومت لاءِ موجوده صورتحال هڪ وڏو امتحان آهي. معاشي استحڪام ضروري آهي، پر معاشي استحڪام جو فائدو عام ماڻهو تائين پهچڻ به ايترو ئي ضروري آهي. جيڪڏهن معيشت جا انگ اکر بهتر ٿين، پر عام ماڻهو جي گهر جو خرچ گهٽ نه ٿئي ته ان معاشي بهتري جو فائدو عوام کي محسوس نه ٿيندو.

جي ڪارڪردگي جو اصل اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ان جي پاليسين سان عام ماڻهو جي زندگي ڪيتري آسان ٿي. عوام کي رڳو اعلانن ۽ واعدن جي ضرورت ناهي؛ عوام کي اهڙو رليف گهرجي، جيڪو سندن گهر جي بجيٽ، روزگار ۽ روزمره زندگي ۾ صاف نظر اچي.

**بقايا** 01 ***

سعودي فوج ۽ اتحادي فورسز جي پيشورائي صلاحيتن ۽ فوري ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته سعودي فوج ۽ اتحادي فورسز ڪيترن ئي بيلسٽڪ ميزائلن کي فضا ۾ ئي تباهه ڪيو. هن چيو ته پاڪستان سعودي قيادت ۽ عوام سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو ۽ مڪي گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب جي خودمختياري ۽ علائقائي سلامتي جي تحفظ واري عزم تي قائم آهي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان سعودي عرب جي پنهنجي عوام، شهرن ۽ اهم تنصيبات جي بچاءَ واري حق جي ڀرپور حمايت ڪري ٿو. حوثي مليشيا فوري طور سعودي عرب تي حملا بند ڪري. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان هر خطري جي مقابلي ۾ سعودي عرب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل رهندو سعودي سول ايوئيشن اٿارٽي ڪنگ خالد ۽ ابها انٽرنيشنل ايئرپورٽن تي حملن جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته واقعن ۾ 3 ڄڻا فوت ۽ 36 زخمي ٿيا هئا.

**بقايا** 02 ***

ج جا 7 دهشتگرد مارڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگردن وٽان وڏي انگ ۾ هٿيار ۽ بارود پڻ هٿ ڪيو ويو آهي. عزم استحڪام ويزن تحت ڪيل ڪارروائي دوران فتنه الخوارج جا ڪيترائي ٺڪاڻا پڻ تباهه ڪيا ويا. واضح رهي ته گذريل ڏينهن به اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس بنياد تي آپريشن ڪندي فتنه الخوارج جا 9 دهشتگرد مارڻ جي دعويٰ ڪئي هئي.

**بقايا** 03 ***

پنجون ڏينهن آهي. جڏهن ته مارچ جا شرڪت ڪندڙ اڄ پشاور ۾ پڙاءُ ڪندا. سهيل آفريدي چيو آهي ته پهرين ٽيسٽ ميچ، پوءِ ٽي ٽوئنٽي ۽ آخر ۾ ٽي ٽين کيڏنداسين. هن چيو ته هي بلاول ۽ مريم وارو لانگ مارچ ناهي، پيري ڪو به فڪس ميچ ناهي. سندس چوڻ هو ته ان کان اڳ جڏهن اسان جي حڪومت هئي ته لانگ مارچ ڪئي ايندڙ فڪس ميچ کيڏي ايندا هئا. سهيل آفريدي دعويٰ ڪئي ته خيبر پختونخوا حڪومت جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿاريندڙ بوکلاهٽ جو شڪار آهن. هن چارسده ۾ اڄ ايندڙ حڪمت عملي جو اعلان ڪرڻ جو به چيو آهي.

**بقايا** 04 ***

ي تياريون ۽ گذريل مهيني سيپٽمبر 2026 جي پوليو مهم جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ ڊسٽرڪٽ پوليو ايريڊيڪيشن ڪميٽي ۽ پوليو مهم جو جائزو اجلاس اڄ ڊي سي ڪامپليڪس حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو مهوش برڙو، ڊي ايڇ او هيلٿ حيدرآباد پير غلام حسين، شراڪتدار ادارن جي نمائندن ۽ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پنجن سالن تائين جي ڄمار وارن سمورن ٻارن تائين پوليو ويڪسين جي رسائي کي يقيني بڻائڻ، مهم جي موثر رٿابندي ۽ ادارن جو پاڻ ۾ ويجهي رابطي ۾ رهندي پوليو وائرس جي مڪمل خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورتن تي زور ڀريو ويو. ان موقعي تي عالمي ادارا صحت جي نمائندي ۽ صحت کاتي جي عملدارن گذريل پوليو مهم جي ڪارڪردگي، فيلڊ ۾ رهيل خامين، مائيڪرو پلان، افرادي سگهه، سکيا، ڪولڊ چين جي صورتحال ۽ ايندڙ مهم جي تيارين جي حوالي سان تفصيلي آگاهي ڏني وئي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته پوليو کان بچاءَ واري مهم 2 نومبر کان 8 نومبر 2026 تائين جاري رهندي جڏهن ته حيدرآباد ۾ سيپٽمبر دوران ورتل آخري ماحولياتي سيمپل پوليو وائرس لاءِ منفي آيا آهن. ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ ماحولياتي نمونن جي منفي اچڻ کي مثبت اڳڀرائي قرار ڏيندي هدايت ڪئي ته گذريل مهم جي دوران خامين جي نشاندهي ڪري انهن جو تدارڪ ڪيو وڃي، هن خاص طور تي انڪاري ڪيسن، گهرن ۾ غير موجودگي جي ڪري ويڪسين کان محروم رهجي ويل ٻارن تي خصوصي ڌيان ڏيڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته انڪاري ڪيسن وارين يونين ڪونسلن ۾ ترجيحي بنيادن تي موثر اپاءُ اختيار ڪيا وڃن ته جيئن ڪو به ٻار پوليو کان بچاءَ وارا ڦڙا پيئڻ کان محروم نه رهي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر حيدرآباد ڊاڪٽر پير غلام حسين پاران ڪمزور ڪوريج وارن علائقن ۽ گهرائن جي نشاندهي ڪري فيلڊ ٽيمن جي تربيت ۾ سندن خامين کي دور ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريو ويو. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ضلعي ۾ 544 انڪاري ٻار جڏهن ته 7,636 ٻار گذريل مهم ڪانپوءِ غير موجود آهن. انهن ٻارن جي پروفائلنگ ۽ ڀيهر رسائي لاءِ جوڳا قدم کنيا پيا وڃن. ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته مائيڪرو پلانز، ٽيمن جي صلاحيت، ويڪسين جي معيار، نگراني ۽ ڪوريج جي سمورن پهلوئن کي بهتر بڻائيندي ايندڙ مهم جي تياريون مڪمل ڪيون وڃن ۽ سمورن پنجن سالن تائين جي ڄمار وارن ٻارن جي ويڪسينيشن کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا گهربل اپاءَ اختيار ڪيا وڃن.

**بقايا** 05 ***

موڪلي ڇڏيندي پريس ڪانفرنس ڪندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته صوبي جون حالتون سيني جي سامهون آهن، جيڪڏهن وفاقي حڪومت رپورٽ طلب ڪئي ته هو موجوده صورتحال بابت پنهنجا مشاهدا ۽ راءِ پيش ڪندو. هن چيو ته وفاق ڪانسواءِ خيبر پختونخوا نٿو هلي سگهي، پر صوبائي حڪومت مسلسل وفاق سان محاذ آرائي واري سياست ڪري رهي آهي. گورنر چيو ته ايمرجنسي يا گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جو اختيار وفاقي حڪومت وٽ آهي، جڏهن ته صدر ۽ وزيراعظم ئي ان بابت فيصلو ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن وفاق سمجهي ٿو ته صوبي جون حالتون اهڙي قدم جو گهر ڪن ٿيون ته فيصلو به اهو ئي ڪندو. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته هو گورنر جي حيثيت سان جڏهن چاهي، چيف سيڪريٽري ۽ انسپيڪٽر جنرل پوليس کي طلب ڪري سگهي ٿو. سياسي صورتحال ۽ ڳالهين بابت هن چيو ته جيڪڏهن ڳالهين جي آڇ به قبول نه ڪئي وڃي ته پوءِ معاملا اڳتي وڌائڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو پاڪستان تحريڪ انصاف تي تنقيد ڪندي گورنر چيو ته پارٽي کي پهريان پنهنجن اندروني مسئلن جو جائزو وٺڻ گهرجي. هن سوال ڪيو ته جيڪڏهن پارٽي پنهنجي ماڻهن جو تحفظ نٿي ڪري سگهي ته پوءِ صوبي، عوام ۽ وسيلن جي

حفاظت جي ذميواري ڪيئن نڀائيندي؟ پي ٽي آءِ سان منسوب مبينا آڊيو ليڪس بابت ڳالهائيندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته پارٽي جا اڳواڻ پاڻ ئي هڪ ٻئي جي حقيقت بيان ڪري رهيا آهن. لانگ مارچ بابت هن چيو ته ان کي به "لڪي سرڪس" بڻايو ويو آهي، جتي شرڪت ڪندڙ هڪ شهر کان ٻئي شهر گهمي رهيا آهن. صوابي ۾ امڪاني جلسي بابت هن چيو ته هي صوابي نه ايندا، صوابي پار ڪري ڏيکارين.

**بقايا** 06 ***

؟" جي عنوان سان منعقد ٿيل خصوصي سيشن ۾ پينلسٽ طور شرڪت ڪئي ۽ اداري اندر جاري سڌارن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن مالي انتظام ۾ بهتري، انتظامي سڌارن، اداري جي استحڪام، جديد نظام ۽ ٽيڪنالاجي جي استعمال سميت ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيل قدمن کان عالمي ماهرن ۽ ڪانگريس ۾ شرڪت ڪندڙ نمائندن کي آگاهه ڪيو. محمد عمار علي خان پاڻي جي منصفاڻي ورڇ، آپريشنل ڪارڪردگي، شفافيت ۽ ڪراچي ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال جي پائيدار انتظام لاءِ ڪيل قدمن کي پڻ اجاگر ڪيو. هن سروسز جي فراهمي ۾ بهتري، مالي استحڪام ۽ اداري اندر جوابدهي جي نظام بابت جاري سڌارن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي تي پڻ روشني وڌي. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب عالمي واٽر ڪانگريس ۾ اداري جي شرڪت سان ڪراچي ۾ پاڻيءَ جي فراهمي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال بابت مسئلن ۽ مستقبل جي ترقياتي ضرورتن کي عالمي واٽر سيڪٽر آڏو اثرائتي انداز ۾ پيش ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. ترجمان وڌيڪ چيو ته اهڙن عالمي فورمن ۾ شرڪت سان بين الاقوامي ادارن سان ٽيڪنيڪي سهڪار، تجربن جي ڏي وٺ ۽ مستقبل ۾ گڏيل سهڪار ۽ ڀائيواري جا نوان موقعا پڻ پيدا ٿيندا.

**بقايا** 07 ***

ي ملڪ جو معاشي مرڪز آهي ۽ قومي ادارن جي ترقي ۽ استحڪام ۾ هن شهر جو اهم ڪردار رهيو آهي. سيد اويس قادر شاهه چيو ته پي پي ايل جي هن شهر سان ڊگهي وابستگي قومي توانائي جي شعبي ۾ ڪراچيءَ جي اهميت کي پڻ ظاهر ڪري ٿي. پي پي ايل هڪ اهم قومي توانائي جو ادارو آهي، تنهن ڪري ان جي هيڊ آفيس بابت ڪنهن به فيصلي ۾ انتظامي ضرورتن سان گڏ سنڌ جي معاشي مفادن، ڪراچيءَ جي ڪاروباري اهميت ۽ اداري سان لاڳاپيل ملازمن جي مستقبل کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر چيو ته قومي ادارن بابت اهم فيصلا شفافيت، معاشي افاديت ۽ وسيع تر قومي مفاد جي بنياد تي ٿيڻ گهرجن. اهڙن معاملن ۾ لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورو ڪرڻ ۽ فيصلي جي امڪاني اثرن جو جائزو وٺڻ هڪ مثبت ۽ ذميوارانو عمل آهي. هن چيو ته پي پي ايل جي هيڊ آفيس جي منتقلي بابت خبرن تي لاڳاپيل اختيارين پاران واضح وضاحت سامهون اچڻ گهرجي، جيئن فيصلي جا سبب، انتظامي جواز ۽ ڪراچيءَ ۾ اداري جي مستقبل جي سرگرمين بابت صورتحال واضح ٿي سگهي. سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر اميد ظاهر ڪئي ته لاڳاپيل اختياريون هن معاملي جو جائزو وٺندي سنڌ جي مفادن، ڪراچيءَ جي معاشي حيثيت ۽ ملازمن جي حقن کي مناسب اهميت ڏينديون.

**بقايا** 08 ***

جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو ڪراچي جي علائقي ايف بي ايريا ياسين آباد ۾ پيش آيل واقعي ۾ سڙي زخمي ٿيل همراهه جي سڃاڻپ 48 ورهين جي عظيم طور ٿي آهي. ريسڪيو اختيارين موجب زخمي کي سول اسپتال جي برنس وارڊ منتقل ڪيو ويو آهي. اختيارين جو چوڻ آهي ته همراهه پاران پاڻ کي باهه ڏيڻ جو ڪارڻ فوري طور معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

**بقايا** 09 ***

36 کان 38 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچڻ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي موسمياتي کاتي موجب هن وقت شهر جي موسم جزوي طور ڪڪرن سان ڍڪيل آهي. جڏهن ته ڏکڻ اولهه کان 10 کان 20 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون گهلي رهيون آهن. موسمياتي کاتي جو چوڻ آهي ته سومر کان گرميءَ ۾ واڌ جو امڪان آهي، جنهن سبب وڌ ۾ وڌ گرمي پد 36 کان 38 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي سگهي ٿو هوا جي وڌيڪ دٻاءُ سبب شهر ۾ سامونڊي هوائن جي رفتار متاثر ٿيڻ جو خدشو پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي. کاتي موجب ايندڙ ٻن کان ٽن ڏينهن دوران موسم جزوي طور ڪڪرن سان ڍڪيل رهندي، جڏهن ته ڪجهه ڏينهن اندر گرمي پد آڪٽوبر مهيني جي معمول موجب رهڻ جي اميد آهي. ٻئي طرف موسمياتي کاتي ٻڌايو آهي ته 12 آڪٽوبر کان نئون الهندو هوائن جو سلسلو ملڪ جي متاثرن ۽ اترين علائقن تي اثرانداز ٿيندو جنهن جي نتيجي ۾ بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ برسات پوڻ جو امڪان آهي.

**بقايا** 10 ***

اڙ، مبينا بدعنواني ۽ حقدار نوجوانن جي حق تلفي خلاف شاگردن حيدرآباد کان ڪراچي تائين احتجاجي لانگ مارچ شروع ڪري ڇڏيو شاگردن ۽ مظاهرين حيدرآباد مان لانگ مارچ شروع ڪندي بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي انتظاميا خلاف نعريبازي ڪئي. شاگرد اڳواڻن اعلان ڪيو ته لانگ مارچ 14 آڪٽوبر تي ڪراچي ۾ وڏي وزير جي هائوس (سي ايم هائوس) اڳيان پهچندي جتي مطالبن جي مڃتا لاءِ ڌرڻو هنيو ويندو هنن چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ بحال ڪرڻ ۽ سندن جائز مطالبا تسليم ڪرڻ تائين سي ايم هائوس اڳيان ڌرڻو جاري رکيو ويندو.

**بقايا** 11 ***

20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي اگهه ۾ 400 رپين تائين اضافو ٿيو آهي. وفاقي اداري شماريات موجب، ملڪ ۾ ساليانو مهانگائيءَ جي شرح پڻ وڌي 11.97 سيڪڙو تائين پهچي وئي آهي. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته هڪ هفتي دوران 20 ضروري شين جا اگهه وڌيا، 6 شين جا اگهه گهٽيا، جڏهن ته 25 شين جا اگهه برقرار رهيا. اداري موجب، هڪ هفتي دوران اٽو 5.69 سيڪڙو، ڪڪڙ جو گوشت 4.93 سيڪڙو، چڻن جي دال 3.99 سيڪڙو ۽ ٽماٽا 2.40 سيڪڙو مهانگا ٿيا. ان ڪانسواءِ پيٽرول، مسور جي دال، چانهه ۽ ايل پي جي جا اگهه پڻ وڌيا. وفاقي اداري شماريات جي انگن اکرن موجب، هڪ هفتي دوران 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي اگهه ۾ وڏو اضافو ٿيو آهي. ڪراچي، اسلام آباد ۽ پشاور ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جو اگهه 3 هزار 400 رپين تائين پهچي ويو آهي. رپورٽ موجب، راولپنڊيءَ ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 347 رپيا وڌڻ ڪانپوءِ 3 هزار 333 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته سيالڪوٽ ۾ ٿيلهي جي اگهه ۾ 333 رپيا واڌ ڪانپوءِ قيمت 3 هزار 133 رپيا ٿي وئي آهي. دستاويز موجب، سکر ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 300 رپيا وڌي 3 هزار 60 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته حيدرآباد ۾ 200 رپيا واڌ ڪانپوءِ اٽي جي ٿيلهي جو اگهه 3 هزار 200 رپين تائين پهچي ويو آهي. ڪوئيٽا ۾ اٽي جي 20 ڪلو ٿيلهي جي قيمت 70 رپيا وڌي 3 هزار 30 رپيا ٿي وئي، جڏهن ته ملتان ۾ 66 رپيا واڌ ڪانپوءِ اگهه 2 هزار 866 رپيا ٿي ويو آهي. هوڏانهن لاهور ۾ 20 ڪلو اٽي جي ٿيلهي جي قيمت 2 هزار 300 رپيا، جڏهن ته فيصل آباد ۾ 2 هزار 200 رپيا برقرار رهي. ڪيلا، ڊيزل ۽ ڪڻڪ سستي ٿي وئي وفاقي اداري شماريات موجب، هڪ هفتي دوران ڪيلن جي قيمت ۾ 2.81 سيڪڙو ۽ ڊيزل جي اگهه ۾ 1.37 سيڪڙو لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي. ان ڪانسواءِ پٽاٽا 0.89 سيڪڙو ۽ ڪڻڪ 0.37 سيڪڙو سستي ٿي.

**بقايا** 12 ***

وئي آهي. ترجمان ٻڌايو ته شهر جي متاثر علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي معمول موجب بحال ڪئي وئي آهي. هن چيو ته بجلي بند هجڻ سبب ڍاڀيجي مان شهر کي 91 ملين گيلن پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پيو.

**بقايا** 13 ***

ي ۽ اهم ثبوتن سميت گرفتار ڪري ورتو ايف آءِ اي جي ترجمان موجب ايف آءِ اي سي بي سي ڪراچي جي ٽيم ڪارروائي ڪئي. ترجمان ٻڌايو ته جوابدار جي قبضي مان اهڙا موبائل فون هٿ ڪيا ويا، جن ۾ مبينا هنڊي حوالا ۽ غيرقانوني ڪرنسي مٽاسٽا بابت ثبوت موجود هئا. ٻڌائي موجب ڪارروائي دوران لکين رپين جي ماليت جي پرڏيهي ڪرنسي ۽ پاڪستاني رپيا پڻ هٿ ڪيا ويا.

**بقايا** 14 ***

جي شهري هوابازي واري اداري جمعي ڏينهن چيو آهي ته رياض جي ڪنگ خالد عالمي هوائي اڏي تي ٻن حملن جي نتيجي ۾ 3 سعودي شهري مارجي ويا ۽ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا. ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ شهري هوابازي جي جنرل اٿارٽي چيو ته پهريون حملو هوائي اڏي جي سهولتن کي نشانو بڻايو ويو، جڏهن ته ٻيو حملو سعودي سرڪاري هوائي ڪمپني "سعوديا" جي هڪ جهاز تي ڪيو ويو. بيان موجب زخمين جي حالت معمولي کان وٺي ڳڻتيءَ جوڳي حد تائين آهي، جڏهن ته حملن سبب ملڪيتن ۽ عمارتن کي به نقصان پهتو اداري وڌيڪ چيو ته هوائي اڏي جا آپريشن ٻيهر شروع ٿي ويا آهن ۽ هوائي ٽريفڪ معمول تي اچي وئي آهي. ٻئي طرف، سعودي عرب جي قومي هوائي ڪمپني تصديق ڪئي آهي ته رياض جي هوائي اڏي تي سعوديا ايئرلائنز جو هڪ پائليٽ مارجي ويو، جڏهن ته هڪ جهاز کي نقصان پهتو سعودي عرب جي قومي هوائي ڪمپني پنهنجي بيان ۾ چيو "سعوديا کي ڪئپٽن حمود علي الڪٿامي جي لاڏاڻي جو اعلان ڪندي گهرو ڏک ٿي رهيو آهي." ڪمپني موجب اهو واقعو ڪنگ خالد عالمي هوائي اڏي تي پيش آيو يمن جي ايران نواز حوثين خميس ڏينهن دعويٰ ڪئي هئي ته هنن ٻن ڪروز ميزائلن ذريعي رياض جي هوائي اڏي تي حملو ڪيو آهي. حوثين اهو به چيو هو ته هنن ڏکڻ اولهه واري شهر نجران جي هوائي اڏي کي به نشانو بڻايو پر سعودي اختيارين ان دعويٰ جي تصديق نه ڪئي آهي. گروپ، خميس ۽ مشيط شهرن ۾ هڪ هوائي فوجي اڏي تي بيلسٽڪ ميزائلن سان حملو ڪرڻ جي دعويٰ پڻ ڪئي. حوثين جو چوڻ آهي ته هو يمن ۾ ٻيهر شروع ٿيل گهرو ويڙهه دوران حڪومتي فوجن جي سعودي حمايت سبب سعودي عرب کي نشانو بڻائي رهيا آهن. سعودي عرب جو چوڻ آهي ته هو يمن جي گڏيل قومن پاران تسليم ٿيل حڪومت جي ان فوجي مهم جي حمايت ڪري رهيو آهي، جنهن جو مقصد حوثين کان قبضي هيٺ آيل علائقا واپس وٺڻ آهي. تازي تصديق ٿيل جاني نقصان کان اڳ، سعودي اختيارين اربع ڏينهن ٻڌايو هو ته هفتي جي شروعات ۾ رياض ۽ ملڪ جي ڏکڻ اولهه واري شهر ابها جي هوائي اڏن تي ٿيل حملن ۾ به 3 ڄڻا مارجي ويا هئا. هي تڪرار هاڻي آمريڪا ۽ ايران جي جنگ جا اثر ٻين علائقن تائين پکيڙجڻ جو نتيجو بڻجي ويو آهي. ان سبب اڳ ئي وسيع جنگ جي ڪري غير مستحڪم ٿيل خطي ۾ وڌيڪ بدامني پيدا ٿي آهي ۽ خدشو آهي ته ٻيا ملڪ به جيلن واري علائقي ۾ ٿيندڙ جنگ ۾ ڇڪجي سگهن ٿا.

**بقايا** 15 ***

آهي. سندس وڏا ڏاڏا پارٽ مان لڏي آيا ۽ سندس والد بس ڊرائيور هو 1967ع ۾ پهرين عورت وڪيل طور هن ڪم شروع ڪيو هوءَ ڏکڻ آفريڪا ۾ هاءِ ڪورٽ جي جج به رهي ۽ نسل پرستي خلاف اهم فيصلا ڏنا. هوءَ هڪ بهادر ۽ انسان دوست جج سمجهي ويندي آهي. هوءَ عالمي انصاف جي عدالت جي 8 سال جج رهي جنهن ۾ 4 سال صدارت تي رهي. هوءَ ميانمار يعني برما جي انسانيت ڪش معاملن ۾ به جج آهي. تازو هن گڏيل قومن جي فلسطين بابت عالمي فورم جي اڳواڻي به ڪئي. نوبل ڪميٽي جي چيئرمين يورگن واٽني فرائيڊنس چيو ته ناوي پلي کي امن ۽ عالمي قانون جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوششن جي اعتراف ۾ اهو انعام ڏنو ويو آهي. هن چيو ته ناوي پلي "عالمي قانون جي دائري ۾ اثر ڪي نمايان طور وڌايو آهي." هن سال جي انعام ماڻيندڙ جو اعلان ڪندي هن وڌيڪ چيو ته پلي غيرمعمولي بهادريءَ سان "وڌيڪ جامع عالمي قانوني نظام" جي قيام لاءِ اڳواڻي ڪئي آهي. ناروي جي نوبل ڪميٽي جي چيئرمين سندس ڊگهين خدمتن کي ساراهيندي چيو ته هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڏکڻ آفريڪا ۾ وڪيل طور ڪئي، جتي ڪيس گهري نسلي ۽ سماجي متيبد کي منهن ڏيڻو پيو. هن چيو ته پلي وٽ "اصولن تي قائم مضبوط اخلاقي شعور" آهي. هن سال جي نوبل امن انعام جي اعلان واري تقرير جاري رکندي فرائيڊنس چيو ته پلي ملڪن ۽ اڳواڻن کي سندن عملن لاءِ جوابده بڻايو ۽ متاثر ماڻهن ۾ اميد پيدا ڪئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته پلي ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته فردن ۽ رياستن جي ذميواري آهي ته اهي قانون جي حڪمرانيءَ جي پابندي ڪن. تقرير دوران هن عالمي قانون جي نظام کي درپيش سخت دٻاءُ جو ذڪر ڪندي چيو ته دنيا ۾ اهڙي تبديلي به ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي، جنهن کي هو "طاقت جي سياست" قرار ڏئي ٿو هن چيو ته "جڏهن طاقت حق ۽ انصاف کان مٿانهين ٿي وڃي ٿي ته اها استحڪام کي نقصان پهچائي ٿي." تقرير جي پڄاڻي ڪندي هن چيو ته انصاف ۽ انساني وقار لاءِ ناوي پلي جو عزم انهن سيني ماڻهن لاءِ اميد ۽ اتساهه جو ذريعو آهي، جيڪي دنيا کي وڌيڪ پرامن بڻائڻ چاهين ٿا. نوبل امن انعام جي تاريخ گذريل سالن دوران نوبل امن انعام 106 ڀيرا، مجموعي طور 143 انعام ماڻيندڙن کي ڏنو ويو آهي. انهن ۾ آمريڪا جا چار صدر به شامل آهن: ٿيوڊور روزويلٽ، ووڊرو ولسن، جمي ڪارٽر ۽ بارڪ اوباما. ملالا يوسفزئي سڀ کان ننڍي عمر ۾ نوبل امن انعام حاصل ڪندڙ شخصيت طور تاريخ رقم ڪئي. کيس 2014ع ۾ رڳو 17 سالن جي عمر ۾ اهو انعام ڏنو ويو 1973ع ۾ ويٽنامي سياستدان لي ڊڪ ٿو کي "1973ع ۾ ويٽنام ۾ جنگبنديءَ لاءِ گڏيل ڳالهين ذريعي ڪردار ادا ڪرڻ" تي نوبل امن انعام ڏنو ويو، پر هن اهو انعام قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ڇاڪاڻ ته سندس چوڻ موجب جنگبنديءَ جي ڀڃڪڙي ٿي چڪي هئي. هي انعام هن وقت تائين 112 شخصيتن ۽ 31 تنظيمن کي ڏنو ويو آهي. انعام حاصل ڪندڙ مشهور شخصيتن ۾ نيلسن منڊيلا، مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر ۽ مدر ٽريسا به شامل آهن.

**بقايا** 16 ***

نل موت جي سزا تي عملدرآمد 3 ڊسمبر تي سڌيءَ ريت نشر ڪيو ويندو آمريڪي فوج جي اڳوڻي ميجر ندال ملڪ حسن 2009ع ۾ ٽيڪساس جي فوجي اڏي تي فائرنگ ڪئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 13 آمريڪي فوجي مارجي ويا هئا ۽ ٻيا 32 زخمي ٿيا هئا. اهو واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن حسن کي ڪجهه هفتن کان پوءِ افغانستان ۾ مقرر ٿيڻو هو گرفتاري دوران پوليس جي فائرنگ ۾ هو جزوي طور مفلوج ٿي ويو ۽ ويل چيئر تائين محدود ٿي ويو بعد ۾ آگسٽ 2013ع ۾ فوجي عدالت ندال ملڪ حسن کي قتل ۽ قتل جي ڪوشش جي 45 الزامن ۾ ڏوهاري قرار ڏيندي موت جي سزا ٻڌائي هئي. سومر ڏينهن آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ آمريڪي فوج جي اڳوڻي ميجر کي فائرنگ اسڪواڊ ذريعي موت جي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏنو هو. بهرحال، هاڻي هڪ خبر اداري موجب، پينٽاگون جي هڪ عملدار ٻڌايو آهي ته آمريڪا 3 ڊسمبر تي فورٽ هُڊ ۾ 13 ماڻهن کي قتل ڪندڙ ڏوهاري ندال ملڪ حسن کي فائرنگ اسڪواڊ ذريعي موت جي سزا ڏيڻ واري ڪارروائي سڌيءَ ريت نشر ڪندو. ٽرمپ اڳوڻي آمريڪي ميجر کي فائرنگ اسڪواڊ ذريعي موت جي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. جيڪو پنهنجي نوعيت جو هڪ غير معمولي ۽ بي مثال قدم هوندي اڳوڻو فوجي نفسيات جو ماهر ندال ملڪ حسن 1945ع کان پوءِ آمريڪي فوج طرفان فائرنگ اسڪواڊ ذريعي موت جي سزا ڏني ويندڙ پهريون شخص هوندو آمريڪي بچاءَ واري وزير پيٽ هيگسيٿ خميس ڏينهن "ريئل آمريڪا وائس" جي پروگرام "هيومن ايونٽس ڊيلي" ۾ ڳالهائيندي چيو هو ته هو ندال ملڪ حسن کي موت جي سزا ڏيڻ واري ڪارروائي عوام آڏو آڻڻ جو ارادو رکن ٿا، پر هن ان بابت تفصيل نه ٻڌايا هئا. بهرحال، پينٽاگون جي هڪ عملدار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته بچاءَ وارو وزير صحيح چئي رهيو آهي ۽ موت جي سزا تي عملدرآمد جي ڪارروائي سڌيءَ ريت نشر ڪئي ويندي. وڌيڪ تفصيل بعد ۾ فراهم ڪيا ويندا. ندال حسن ملڪ جا والدين فلسطين جي مغربي ڪناري جا آهن ۽ هو 1970ع ۾ ورجينيا ۾ پيدا ٿيو هو آمريڪي بچاءَ واري وزير پيٽ هيگسيٿ چيو ته ندال ملڪ حسن کي خميس ڏينهن منجهند هڪ وڳي فورٽ هُڊ ۾ موت جي سزا ڏيڻ جو فيصلو ڪرڻ ڏکيو نه هو ڇاڪاڻ ته 2009ع ۾ فائرنگ جو واقعو به ساڳئي هنڌ، هفتي جي ساڳئي ڏينهن ۽ لڳ ڀڳ ساڳئي وقت پيش آيو هو.

**بقايا** 17 ***

تشدد جي ڏوهه ۾ هڪ عامل کي ٽن سالن جي قيد ۽ 96 لک 76 هزار رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت جو چوڻ آهي ته ڏوهاري ان وقت تائين جيل ۾ رهندو جيستائين هو ارش يعني ڏنڊ جي رقم متاثر ڇوڪريءَ کي ادا نٿو ڪري. اسلامي فقه ۽ تعزيراتي قانونن ۾ ارش ان مالي معاوضي کي چيو ويندو آهي، جيڪو جسم تي اهڙي زخم يا نقص جي بدلي ۾ ڏنو ويندو آهي، جنهن لاءِ شريعت ۾ ڪا مقرر رقم بيان ٿيل نه هجي. ياد رهي ته استغاثه موجب، ڏوهاري طرفان 'جن ڪڍڻ' ۽ ڇوڪريءَ تي تشدد ڪرڻ دوران سندس هڪ ڪن جي ٻڌڻ جي سگهه ختم ٿي وئي هئي. اسلام آباد جي مقامي عدالت جي جج مبشر حسن چشتي، اسلام آباد جي ڪورال ٿاڻي تي 2024ع ۾ داخل ڪيل ڪيس جو فيصلو ٻڌايو لاڳاپيل عدالت ان سلسلي ۾ تفصيلي فيصلو پڻ جاري ڪري ڇڏيو آهي. ٻئي طرف، ڏوهاري جي وڪيل ياسر ملڪ ايڊووڪيٽ جو چوڻ آهي ته هو هن ڪيس کي اپيليٽ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪندا. روحاني علاج جي نالي تي 'ٿڦڙن جو وسڪارو' اسلام آباد جي ڪورال ٿاڻي تي عامل نذير خان خلاف ڪيس سعيد الله خان جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو جيڪو متاثر ڇوڪريءَ جو چاچو آهي. گولڙا جي رهواسي سعيد الله خان پوليس کي ڏنل بيان ۾ ٻڌايو ته سندس 20 ورهين جي ڀائٽي ڪافي عرصي کان 'عجيب بيماريءَ' ۾ مبتلا هئي. سندس علاج لاءِ ڊاڪٽرن ڪان سواءِ ڪيترن ئي عاملن سان پڻ رابطو ڪيو ويو، پر سندس حالت ۾ سڌارو نه آيو. هن ٻڌايو ته سندن پاڙي ۾ رهندڙ هڪ عورت جو متاثرا ڇوڪريءَ جي گهر اچڻ وڃڻ ٿيندو هو سعيد الله خان موجب، ان عورت ٻڌايو ته سندس والد پڻ روحاني عامل آهي ۽ عورت جي دعويٰ موجب، سندس والد جي دم ڪرڻ سان ڪيترائي ماڻهو صحتياب ٿيا آهن. ڪيس جي فريادي موجب، ان عورت جي چوڻ تي هو پنهنجي ڀائٽيءَ کي وٺي نذير خان وٽ ويو سعيد الله خان ٻڌايو ته، 'شروعات ۾ جوابدار چيو ته ڇوڪريءَ تي جنن جو ڇانو آهي' ۽ هو 'انهن جنن کي ڇوڪريءَ جي جسم مان ڪڍي ڇڏيندو' سعيد الله خان جو چوڻ هو ته ان کان پوءِ جوابدار اکيون بند ڪري ڪجهه پڙهيو ۽ پوءِ ڇوڪريءَ جي منهن تي ٿڦڙن جو وسڪارو ڪري ڏنو هن چيو ته ان دوران هو جوابدار کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، پر ان جي باوجود 'نذير خان ٿڦڙ هڻڻ بند نه ڪيا.' سعيد الله خان موجب، ان کان پوءِ متاثر ڇوڪري 'بيهوش ٿي وئي'، جنهن تي جوابدار چيو ته 'هاڻي هن کي گهر وٺي وڃو، ڇو ته هن مان جن نڪري ويا آهن.' هن ٻڌايو ته جڏهن ڇوڪريءَ کي گهر آندو ويو ته کيس ساڄي ڪن ۾ سخت سور محسوس ٿيو ۽ ڪيس معائني لاءِ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (پمز) اسپتال آندو ويو ته ڊاڪٽرن ٻڌايو ته سندس ساڄي ڪن جو پردو ڦاٽي پيو آهي، جنهن سبب ان ڪن جي ٻڌڻ جي سگهه ختم ٿي وئي آهي. هن چيو ته متاثر ڇوڪري سندس وڏي ڀاءُ جي ڌيءَ آهي ۽ سندس ماءُ وفات ڪري چڪي آهي. سعيد الله خان موجب، هو پاڻ ڇوڪريءَ جي سارسنڀال ۽ خرچ پکو برداشت ڪري رهيو آهي. هن ٻڌايو ته جوابدار نذير خان جي ڌيءَ سندن پاڙي ۾ رهندي آهي، تنهنڪري معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ جوابدار کي چيو ويو ته هو پنهنجي عمل تي معافي وٺي، پر نذير خان انڪار ڪري ڇڏيو ان کان پوءِ سندس خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وئي. سعيد الله خان جو چوڻ هو ته جڏهن متاثرا ڇوڪري بيمار هئي ته کيس پمز اسپتال وٺي ويا هئا، جتي ڊاڪٽرن سي ٽي اسڪين سميت سمورا ضروري ٽيسٽ ڪيا، جيڪي ڊاڪٽرن موجب بلڪل ٺيڪ هئا. هن چيو ته 'ڊاڪٽرن جي زباني طور راءِ ڏني ته ڪيس جسماني طور ڪا به بيماري ناهي ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته ڪيس ڪا روحاني بيماري آهي.' سعيد الله خان موجب، 'هاڻي ڇوڪري بلڪل ٺيڪ آهي، پر سياري ۾ جڏهن ٿڌيون هوائون لڳن ٿيون ته سندس ڪن متاثر ٿين ٿا.' ڏوهاري پنهنجي بچاءَ ۾ ڪو به ثبوت پيش نه ڪيو' لاڳاپيل عدالت طرفان جاري ڪيل فيصلي ۾ متاثر ڇوڪريءَ جي بيان جو حوالو ڏيندي چيو ويو آهي ته جڏهن ڪيس علاج لاءِ عامل وٽ وٺي ويا هئا ته ان وقت ڪيس خبر نه هئي ته ڪيس ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن.' پنهنجي بيان ۾ ڇوڪريءَ چيو ته جڏهن مٿس تشدد ڪيو ويو ۽ هوءَ پنهنجا هوش حواس وڃائي ويٺي، تڏهن ڪيس علاج لاءِ پمز اسپتال وٺي ويا، جتي معلوم ٿيو ته سندس ڪن جو پردو ڦاٽي پيو آهي عدالت پنهنجي فيصلي ۾ ڏوهاري نذير خان جي بيان جو پڻ حوالو ڏنو آهي، جنهن ۾ هن الزام لڳايو ته سعيد الله، جيڪو ڪيس جو فريادي آهي، معاملي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪانئس وڏي رقم گهري هئي ۽ رقم ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ تي سندس خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويو عدالت فيصلي ۾ چيو ته ڏوهاري پنهنجي بچاءَ ۾ ڪو به شاهد يا دستاويز پيش نه ڪيو عدالت پنهنجي فيصلي ۾ لکيو ته ڏوهاري پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 336 تحت متاثر ڇوڪريءَ کي ديت جي اڌ رقم، يعني 96 لک 76 هزار 195 رپيا ادا ڪرڻ جو پابند آهي. عدالت حڪم ڏنو ته جيستائين هو اها رقم ادا نه ڪندو تيستائين جيل ۾ رهندو عدالت جڏهن هن ڪيس جو فيصلو ٻڌايو ته ان وقت ڏوهاري نذير خان عدالت جي ڪمري ۾ موجود هو پوليس ڪيس گرفتار ڪري اڊيالا جيل منتقل ڪري ڇڏيو.

**بقايا** 18 ***

ه هڪ هفتو اڳ وفاقي حڪومت ۽ سمورو نظام خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ لاءِ تيار هو پر پيپلز پارٽيءَ جو موقف هو ته اهڙن غيرمعمولي آئيني اختيارن جو استعمال آخري قدم طور ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته صوبائي حڪومت عوامي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ بدران انتهاپسندي ۽ نفرت جي سياست ڪري رهي آهي، جنهن جو نقصان صوبي، عوام ۽ ملڪ کي پهچي رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته اهڙي سياست سبب سڀ کان وڌيڪ نقصان پاڻ پاڪستان تحريڪ انصاف کي ٿي رهيو آهي. بلاول ڀٽو چيو ته پي ٽي آءِ وٽ عوامي حمايت موجود آهي، پر پنهنجي سياسي حڪمت عملي ۽ انتهاپسند روش سبب پارٽي پنهنجن ئي حامين کي مايوس ڪري رهي آهي. هن دعويٰ ڪئي ته ان ئي سبب پارٽي ڪراچيءَ ۾ به اثرائتو سياسي ڪردار ادا نه ڪري سگهي آهي. هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ پنهنجي موجوده سياسي روش برقرار رکي ته مستقبل ۾ خيبرپختونخوا ۾ به سندس سياسي حيثيت متاثر ٿي سگهي ٿي. چونڊ سڌارن بابت ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته هن ڪوشش ڪري سيني ڌرين کي اليڪٽرل ريفارمز ڪميٽيءَ لاءِ راضي ڪيو آهي ۽ مسلم ليگ (ن) به ان تي راضي ٿي چڪي آهي جيڪڏهن پي ٽي آءِ ڪميٽيءَ جي اجلاسن ۾ شرڪت نه ڪندي ته ايندڙ چونڊون شفاف ڪيئن بڻائي سگهبيون؟ پ پ جي چيئرمين پي ٽي آءِ تي زور ڀريو ته اها ڌرڻن، محاذ آرائي ۽ انتهاپسنديءَ جي سياست ڇڏي پارلياماني سياست، ٻين سياسي پارٽين سان ڳالهه ٻولهه ۽ پارلياماني ڪميٽين ۾ سرگرم شرڪت جو رستو اختيار ڪري. هن چيو ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ اهو رستو اختيار ڪري ٿي ته نه رڳو سياسي ماحول بهتر ٿي سگهي ٿو پر عوام جي مايوسي به گهٽائي سگهجي ٿي.

**بقايا** 19 ***

ڇڏي. عدالت جو اڳوڻو حڪم برقرار رهڻ سبب خيبرپختونخوا جي وڏي وزير محمد سهيل آفريدي سميت درخواستگذار پي ٽي آءِ اڳواڻن کي في الحال گرفتاري کان عدالتي تحفظ حاصل رهندو.

**بقايا** 20 ***

ن ئي ڏهاڪن کان سعودي عرب ۾ موجود آهي ۽ مختلف صلاحيتن واري شعبن ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي. هن چيو ته مڪي گڏيل دفاعي معاهدو اوچتو وجود ۾ آيل ڪو اتحاد ناهي. معاهدي تي عملدرآمد ۽ ان جا سمورا اثر دفاعي نوعيت جا هوندا. هن موجب، سعودي عرب ۾ ڪهڙو دستو موڪليو ويندو اهو ڪيئن ٿيندو ۽ معاهدي کي ڪهڙي انداز ۾ استعمال ڪيو ويندو انهن معاملن جو فيصلو آپريشنل ڪمانڊر ڪندا. ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته مڪي گڏيل دفاعي معاهدو خطي ۾ استحڪام جي ضمانت آهي، جنهن کي نظر ۾ رکندي ڪنهن به عنصر کي پنهنجا ناپاڪ مقصد پورا ڪرڻ کان اڳ ڪيترائي ڀيرا سوچڻو پوندو هن واضح ڪيو ته معاهدي جو مقصد ڪنهن کي دشمن يا دوست قرار ڏيڻ نه، پر سعودي عرب جو دفاع ڪرڻ آهي. آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگ بابت ڳالهائيندي ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪستان جنگ جي خاتمي ۽ ڌرين وچ ۾ معاهدي لاءِ ڪوششون ڪري رهيو آهي ۽ اڳتي به ڪندو رهندو. پاڪستان چاهي ٿو ته اختلاف گهٽ ٿين، ڳالهين ذريعي تڪرار جو پرامن حل نڪري ۽ جنگ وڌيڪ نه پکڙجي. هن چيو ته پاڪستان آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جنگبندي لاءِ غيرجانبدار رهندي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڪستان جو مفاد خطي ۾ امن ۽ استحڪام سان جڙيل آهي، ڇاڪاڻ ته جنگ کي وڌيڪ پکڙڻ مان ڪنهن کي به فائدو نه ٿيندو.

**بقايا** 21 ***

ن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي 7 خارجين کي جهنم حوالي ڪرڻ تي فورسز جي پيشورائي مهارت جي واکاڻ ڪئي. جمعي ڏينهن پنهنجي بيان ۾ هن چيو ته سيڪيورٽي فورسز وقتائتي ۽ اثرائتي ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروائي ڪندي سندن ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو. دهشتگردي خلاف سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون واکاڻ جوڳيون آهن. قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي.

**بقايا** 22 ***

ڪاري ۽ موثر فالوآپ جي نتيجي ۾ پنجاب جي خصوصي اقتصادي زونز ۾ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ ۽ صنعتي سرگرمين ۾ تيزي لاءِ اهم اڳڀرائي ٿي آهي. ايس آءِ ايف سي مطابق سيپٽمبر دوران خصوصي اقتصادي زونز ۾ 34 ڪاروباري درخواستن جي منظوري سان 76 ارب رپين کان وڌيڪ جي امڪاني سيڙپڪاري جو رستو هموار ٿيو آهي، جنهن سان صنعتي ترقي ۽ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ملڻ جي توقع آهي. ان اڳڀرائي تحت ٽيڪسٽائل، ڪيميڪل، زرعي پروسيسنگ ۽ ٻين اهم شعبن ۾ 7 هزار کان وڌيڪ امڪاني روزگار جا موقعا پيدا ٿيڻ جي توقع آهي، جنهن سان مقامي سطح تي معاشي سرگرمين ۽ روزگار جي موقعن کي هٿي ملي سگهي ٿي. ايس آءِ ايف سي جي سهولتڪاري سان خصوصي اقتصادي زونز ۾ التوا هيٺ ڪاروباري درخواستن تي اڳڀرائي تيز ٿي آهي.

**بقايا** 23 ***

ڳواڻ علي محمد خان چيو آهي ته هن جمعي جي صبح قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق سان رابطو ڪري ڳالهين جي بحالي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جي درخواست ڪئي آهي، جيئن ڪنهن امڪاني ڇڪتاڻ يا نقصان کان اڳ ڳالهين جو رستو ڪڍي سگهجي. علي محمد خان موجب، هن اڄ پارليامينٽ هائوس ۾ اسپيڪر سان ڳالهه ٻولهه ڪندي درخواست ڪئي ته هو ڌرين وچ ۾ ڳالهيون ٻيهر شروع ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري، جيئن ڪنهن به نقصان کان بچي سگهجي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهين ۾ رنڊڪ يا ڇڪتاڻ واري صورتحال آهي ته نقصان ٿيڻ کان اڳ ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي، جيڪو بهتر قدم هوندو علي محمد خان وڌيڪ چيو ته پاڪستان تحريڪ انصاف هڪ پرامن جماعت آهي ۽ هو نٿا چاهين ته ڪنهن کي به ڪا تڪليف پهچي. رپورٽ موجب، اسپيڪر جي آفيس طرفان اڃا تائين ان ملاقات جا تفصيل يا اسپيڪر جو موقف جاري نه ڪيو ويو آهي.

**بقايا** 24 ***

اشمي جمعي ڏينهن جاتي امرا راءِ ونڊ ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ملڪ جي مجموعي سياسي صورتحال ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي به ڳالهيون ڪيون ويون. پارٽي ترجمان موجب مسلم ليگ (ن) جي صدر سنڌ جي گورنر لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو سنڌ جي عوام جي خدمت ۽ وفاق ۽ صوبي وچ ۾ رابطن کي هٿي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو رهندو.

**بقايا** 25 ***

پلي کي امن، انساني حقن ۽ عالمي قانون جي واڌاري لاءِ خدمتن جي اعتراف ۾ 2026ع جو نوبيل امن انعام ڏنو ويو آهي. نوبيل ڪميٽي جي سربراهه يورگن واٽني فريڊنيس انعام جو اعلان ڪندي چيو ته ناوي پلي عالمي سطح تي امن، انصاف ۽ عالمي قانون جي تحفظ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي، جنهن جي اعتراف ۾ کيس هن سال جو نوبيل امن انعام ڏنو پيو وڃي. مون کي لڳو ته اهو ڪو مذاق آهي: ناوي پلينوبيل امن انعام ملڻ واري خبر تي ناوي پلي حيرت جو اظهار ڪندي چيو ته شروع ۾ ڪيس يقين ئي نه آيو ته اها خبر واقعي درست آهي. انعام جي اعلان ڪانپوءِ مختصر خطاب ڪندي گڏيل قومن جي انساني حقن واري اڳوڻي هاءِ ڪمشنر ٻڌايو ته ڪيس فون ڪال آئي، جنهن ۾ هڪ شخص ڪيس ٻڌايو ته هن نوبيل امن انعام کٽي ورتو آهي. ناوي پلي کلندي چيو ته "مون کي لڳو ته اهو ڪو پوگ ٿي آهي." هن وڌيڪ چيو ته "توهان جون تاڙيون منهنجي لاءِ وڏي اهميت رکن ٿيون، پر مان هڪ وڪيل ۽ جج رهي آهيان، تنهنڪري اڃا به ان خبر جي تصديق ڪرڻ چاهيان ٿي." پنجاسي ورهين جي ناوي پلي حاضرين سان خوشگوار انداز ۾ ڳالهائيندي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ تي به چٿر ڪئي. هن چيو ته "جيڪڏهن توهان ٿوريون گهٽيون تاڙيون وڄايو ته شايد مان اهو انعام ٽرمپ سان به ونڊي ڇڏيان." سندس اهو جملو گذريل سال جي نوبيل امن انعام ماڻيندڙ ماريا ڪورينا ماچاڊو جي ان قدم ڏانهن اشارو هو جڏهن هن جنوريءَ ۾ پنهنجو ٻلو آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي پيش ڪيو هو.

**بقايا** 26 ***

دن لاءِ موجود آهي، جڏهن ته يمن تي پاڪ فضائيه جي ڪارروائي يا ڪنهن به حملي جون خبرون بي بنياد آهن. هفتيوار بريفنگ دوران پرڏيهي کاتي جي ترجمان چيو ته سعودي عرب پاڪستان جو اسٽريٽجڪ ڀائيوار آهي، مڪي دفاعي معاهدي بابت وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم مڪمل صلاح مشورا ڪيا، جڏهن ته سياسي قيادت کي به سڄي عمل ۾ شامل رکيو ويو ترجمان موجب، ترڪي طرفان زميني فوج موڪلڻ جو فيصلو ان جو پنهنجو معاملو آهي. ترڪي مڪي دفاعي معاهدي جو حصو آهي ۽ دفاع جي ذميواري سيني ميمبر ملڪن تي لاڳو ٿئي ٿي. هن چيو ته پاڪستان سعودي عرب ۾ رڳو دفاعي مقصدن لاءِ موجود آهي ۽ يمن تي پاڪ فضائيه جي ڪارروائي يا ڪنهن به حملي جون خبرون بي بنياد آهن. پاڪستان پنهنجا فيصلا قانون ۽ پنهنجي ضابطن موجب ڪري ٿو. جڏهن ته سمورا معاملا صلاح مشوري سان طئي ڪيا ويا آهن. پرڏيهي کاتي جي ترجمان ٻڌايو ته مڪي دفاعي معاهدي جي اسٽريٽجڪ، سياسي ۽ دفاعي ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ پاڪستان جي پرڏيهي وزير، دفاع واري وزير ۽ فيلڊ مارشل شرڪت ڪئي، اجلاس ۾ دفاع لاءِ عملي قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو مڪي دفاعي معاهدي جي پارليامينٽ مان منظوري بابت سوال تي ترجمان چيو ته گڏيل دفاعي معاهدي ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو سموري حڪومت جو هو اهو ڪنهن هڪ ڌر جو اڪيلو فيصلو نه هو هن وڌيڪ چيو ته معاهدي ۾ شموليت بابت وزيراعظم جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيا، جڏهن ته وزيراعظم ۽ نائب وزيراعظم ٻئي سياسي اڳواڻ ۽ ڪابينا جا ميمبر آهن.

**بقايا** 27 ***

د صوبائي حڪومت جون ترجيحون عوام جي تحفظ بدران سياسي سرگرمين ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس اهلڪارن جي قربانين کي رائيگان وڃڻ نه ڏنو ويندو راولپنڊي پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته خيبرپختونخواهه جي صورتحال سيني جي سامهون آهي، جتي دهشتگردي جي واقعن ۾ سيڪيورٽي اهلڪارن کي نشانو بڻايو پيو وڃي جڏهن ته وڏو وزير صوبي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ بدران لانگ مارچ ۽ سياسي سرگرمين ۾ مصروف آهي. هن چيو ته 5 تاريخ تي چار ڪسٽمز اهلڪار ۽ هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿيو جڏهن ته ايس ايڇ او دائود پڻ ڊيوٽي دوران شهادت ماڻي. انهن واقعن ڪانپوءِ صوبائي حڪومت پاران جنهن سنجيدگي ۽ احساس ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي ها اهو ڏسڻ ۾ نه آيو. شهيدن جا ٻار سوال ڪري رهيا آهن ته انهن جي والد پاڪستان جي تحفظ جي لاءِ پنهنجي جان جي قرباني ڏني پر صوبي جي وڏي وزير انهن جي گهرڀاتين جو ڏک ونڊڻ جي لاءِ ڇو نه پهتو. شهيدن جي قربانين جي گهرج آهي ته انهن جي خاندانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو وڃي ۽ دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ جانيون قربان ڪندڙن کي قومي سطح تي خراج عقيدت پيش ڪيو وڃي. بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته خيبرپختونخواهه اڳ ۾ ئي دهشتگردي جي لپيٽ ۾ آهي ۽ اهڙين حالتن ۾ صوبائي حڪومت جي بنيادي ذميواري عوام ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن جو تحفظ يقيني بڻائڻ آهي. هن سوال ڪيو ته گذريل 15 سالن دوران صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ ڪهڙي موثر حڪمت عملي اختيار ڪئي وئي ۽ دهشتگردي جي خاتمي جي جامع پاليسي تحت ڪهڙا عملي قدمڪ نيا ويا؟ هن چيو ته گذريل رات به هيڊ محرر سميت ڇهن ماڻهن کي ڪنهي ڪٽي وڃڻ جا اطلاع سامهون آيا يار، حفاظتي ساز ۽ سامان ۽ ضروري وسيلا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن اهي دهشتگردن جو موثر مقابلو ڪري سگهن. بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته قومي ايڪشن پلان دهشتگردي جي خاتمي جي لاءِ هڪ اهم قومي حڪمت عملي آهي جنهن تي موثر عملدرآمد يقيني بڻائڻ گهرجي. هن صوبي ۾ دهشتگردي جي خاتمي جي پاليسي ۽ اعليٰ سطحي اجلاسن جي افاديت تي پڻ سوال اٿاريندي چيو ته رڳو اجلاسن ۾ شرڪت ڪافي نه آهي پر انهن ۾ ڪيل فيصلن جا عملي نتيجا عوام کي نظر اچڻ گهرجن. هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ امن امان جي صورتحال تي سمورين سياسي پارٽين کي سنجيدگي سان غور ڪرڻو پوندو عوامي نيشنل پارٽي، پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ ٻين سياسي پارٽين جي لاءِ به اهو سوال اهم آهي ته ڇا اهي انهن علائقن ۾ بنا خوف سياسي سرگرميون ۽ جلسا جلوس منعقد ڪري سگهن ٿيون جتي دهشتگردي جو خطرو موجود آهي. هن وڌيڪ چيو ته دهشتگردي جي خلاف جنگ ڪنهن هڪ پارٽي يا اداري جي نه آهي پر پوري قوم جي گڏيل ذميواري آهي. بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته هڪ طرف پاڪستان ۾ عالمي ڪرڪيٽ سرگرميون جاري آهن، سريلنڪن ٽيم پاڪستان ۾ موجود آهي ۽ مختلف ملڪن جي وفدن جي آمد متوقع آهي جڏهن ته ٻئي طرف پي ٽي آءِ جو ڌرڻو ملڪ ۾ سياسي ڇڪتاڻ وڌائڻ، امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ ۽ پاڪستان جي مثبت عالمي تشخص کي نقصان پهچائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي خلاف ڊگهي جدوجهد دوران امن قائم ڪرڻ جي لاءِ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن، ان جي لاءِ ملڪي استحڪام، معاشي سرگرمين ۽ عالمي رابطن کي متاثر ٿيڻ کان بچائڻ ضروري آهي. بئريسٽر دانيال چوڌري چيو ته خيبرپختونخواهه جي عوام ڪرپشن، بدامني ۽ دهشتگردي جي ڪري پي ٽي آءِ حڪومت کان مايوس ٿي چڪي آهي، هاڻي ٻين سياسي پارٽين کي اڳتي وڌي صوبي کي ان صورتحال مان ڪڍڻ ۽ عوام کي موجوده حڪومت کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي لاءِ موثر ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

**بقايا** 28 ***

درآمد، فشنگ لائسنس جي غلط استعمال جي روڪٿام، ممنوع ڄارن جي استعمال ۽ درآمد جي نگراني سميت ماهيگيري جي شعبي سان لاڳاپيل مختلف اهم معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ايم ڊي فش هاربر اٿارٽي زاهد ڪيمٽيو، ڊي جي ميرين فشريز ڊاڪٽر عاصم ڪريم، ڊي جي ميرين فشريز ڊيولپمينٽ ڊاڪٽر منصور حسن، بورڊ آف روينيو جي لاڳاپيل آفيسرن، ليفٽيننٽ ڪمانڊر ياسر، ليفٽيننٽ ڪمانڊر ابراهيم، ليفٽيننٽ ڪمانڊر فراز، ذاڪر ملڪ، ليفٽيننٽ ڪرنل وقاص، ايم دانش خان، ڊي ايم حسيب الرحمان ۽ ايم فيصل سميت پاڪ بحريه، پاڪستان ڪوسٽ گارڊز، پوليس، هيڊڪوارٽر 5 ڪور ۽ ميرين فشريز کاتي جي ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ماهيگيري جي شعبي ۾ قانوني ضابطن تي عملدرآمد کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ ۽ لاڳاپيل ادارن جي وچ ۾ رابطن کي مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ان موقعي تي فشنگ لائسنس جي صحيح استعمال، غيرقانوني ماهيگيري جي روڪٿام ۽ ممنوع ڄارن جي استعمال ۽ درآمد جي نگراني جي حوالي سان پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ ماهيگيرن کي نون ضابطن کان آگاهه ڪرڻ، ٽرٽل ايڪسڪلوڊر ڊيوائسز (TED) جي لڳائڻ ۽ استعمال، ويسل مانيٽرنگ سسٽم (VMS) ذريعي ماهيگيري جي جهازن جي نگراني ۽ غير مجاز جيڪين (جيٽيز) جي رجسٽريشن بابت معاملا غور هيٺ آيا. شرڪت ڪندڙن سنڌ حڪومت پاران قائم ڪيل فلوٽنگ جيڪين جي اثرائتي استعمال، مناسب سار سنڀال ۽ ماهيگيرن کي سهولتن جي فراهمي جي معاملن تي پڻ گفتگو ڪئي. اجلاس ۾ ڪراچي فشريز هاربر ۾ امن امان جي صورتحال، غير قانوني سرگرمين جي روڪٿام ۽ هاربر جي انتظامي معاملن کي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن جي گڏيل تعاون جي اهميت تي پڻ زور ڏنو ويو. صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سنڌ محمد علي ملڪاڻي چيو ته ماهيگيري جي شعبي کي منظم بڻائڻ، سامونڊي حيات ۽ قدرتي وسيلن جي تحفظ، قانونن تي اثرائتي عملدرآمد ۽ ماهيگيرن جي ڀلائي لاءِ لاڳاپيل ادارن جي سهڪار سان قدمن کي وڌيڪ چڱو بڻايو ويندو هن چيو ته سامونڊي وسيلن جو تحفظ ۽ ماهيگيرن جي جائز مفادن جو خيال رکڻ سنڌ حڪومت جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي.

**بقايا** 29 ***

ن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو پيپلز پارٽي ڪڏهن به جمهوري پارٽي نه رهي آهي، گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي وڌيڪ سرگرم نظر اچي رهي آهي. شوڪت يوسفزئي چيو ته پنهنجي ئي صوبي ۾ وزيرن ۽ اسيمبلي ميمبرن جي گرفتارين تي ڳڻتي آهي. جنيد اڪبر خان چئي چڪو آهي ته گڏيل پاليسي تي عمل ڪرايو ويندو جڏهن ته صوبائي حڪومت دهشتگرديءَ خلاف گڏيل پاليسي تي عملدرآمد لاءِ تيار آهي. هن چيو ته حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ ٽياڪڙي بابت ڪيس مڪمل ڄاڻ ناهي، پر ٻڌو آهي ته مولانا صاحب سان ٽياڪڙي لاءِ رابطو ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن مولانا صاحب ٽياڪڙي لاءِ ايندو ته سندس آجيان ڪئي ويندي.

**بقايا** 30 ***

سان ڳالهائيندي رياض چانڊيو چيو ته سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪرائڻ ڪافي ناهي. هن وڌيڪ چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ سان سچائي نه پئي ڪري، ان ڪري هو احتجاج لاءِ روڊن تي نڪتا آهن.

**بقايا** 31 ***

ي مختلف ضلعن ۾ برساتن جي اڳڪٿي ڪندي الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي. پي ڊي ايم اي جي ترجمان موجب، سياٿي کان 14 آڪٽوبر تائين لاهور، راولپنڊي، مري، گليات، اٽڪ، چڪوال، جهلم، منڊي بهاءالدين، گجرات، گوجرانوالا، حافظ آباد، وزيرآباد ۽ قصور ۾ برساتن جو امڪان آهي. ترجمان موجب، شيخوپورا، سيالڪوٽ، نارووال ۽ ميانوالي ۾ به 14 آڪٽوبر تائين وسڪاري جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. ان ڪانسواءِ فيصل آباد، خوشاب، ڀڪر، سرگوڌا، جهنگ ۽ ٽوبا ٽيڪ سنگهه ۾ سياٿي کان 13 آڪٽوبر تائين برساتن جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. پي ڊي ايم اي پنجاب موجب، برساتن دوران مري، گليات ۽ ٻين جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو خطرو آهي.

**بقايا** 32 ***

ن جو تعلق پنجاب جي علائقي چوڪ چيڙ جي ڳوٺ مٺل ڏهر سان ٻڌايو پيو وڃي. ميڊيا رپورٽن موجب، بازياب ٿيلن ۾ آفتاب، باسط، نعمان، شمن، نعيم، انشاد، سميع الله ۽ سڪندر ڏهر شامل آهن. وارثن جو چوڻ آهي ته ٺيڪيدار طرفان مطالبا مڃڻ ۽ ميڊيا تي مسلسل خبرون نشر ٿيڻ ڪانپوءِ پورهيت گذريل رات بازياب ٿيا.

**بقايا** 33 ***

ان هڪ نوجوان ارشاد قاضي زخمن جا سور نه سهندي سول اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو ميڊيا رپورٽن موجب، پارڪنگ واري معاملي تان ڊي ايس پي اشرف قريشي مبينا طور ارشاد قاضي تي فائرنگ ڪئي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ ارشاد قاضي سميت ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا هئا، جن ۾ ٻه واٽهڙو به شامل هئا. پوليس ڊي ايس پي اشرف قريشي کي گرفتار ڪري ورتو هو جڏهن ته سندس خلاف دهشتگردي ايڪٽ تحت به ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

**بقايا** 34 ***

ن جاري هجڻ جي به تصديق ڪئي آهي. ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪا جون ايران سان نتيجا ڏيندڙ ڳالهيون جاري آهن ۽ وچ مدي وارين چونڊن تائين ايران تي حملو نه ڪيو ويندو.

**بقايا** 35 ***

و شڪار ٿيا آهن. رپورٽ موجب، پهرين آگسٽ تائين هوائي اڏائن جي نقصان جو ڪاٿو 1.9 ارب کان 3.3 ارب ڊالر تائين لڳايو ويو هو رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته 28 فيبروري تي شروع ٿيل آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران خلاف جنگ اٺين مهيني ۾ داخل ٿي چڪي آهي، پر اڃا تائين مستقل جنگبندي ممڪن نه ٿي سگهي آهي. متاثر ٿيل آمريڪي هوائي اڏن ۾ 12 ايف_15 اي اسٽرائيڪ ايگل جنگي جهاز، هڪ ايف_35 اي لائٽننگ ٽو ست ڪي سي_135 فضائي تيل ڀرڻ وارا جهاز ۽ 45 ايم ڪيو_9 ريپر ڊرون شامل آهن. آمريڪي سامونڊي فوج جي اڳوڻي آفيسر ۽ دفاعي تجزيي نگار هارلن المين جو چوڻ آهي ته جديد جنگين ۾ گهٽ قيمت وارا ڊرون وڏين فوجي طاقتن لاءِ به سنگين خطرو بڻجي نوعيت روايتي فضائي برتريءَ کي به چئلينج ڪري ڇڏيو آهي. روس ۽ يوڪرين جي جنگ جي تجربن جو حوالو ڏيندي تجزيي نگارن چيو آهي ته محدود وسيلن وارا ملڪ به ڊرون ٽيڪنالاجيءَ ذريعي وڏين فوجي طاقتن کي اثرائتو نقصان پهچائي سگهن ٿا. ٻئي پاسي جنگ جي وڌندڙ خرچن سبب صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي انتظاميا تي سياسي دٻاءُ به وڌي ويو آهي. انتظاميا مالي سال 2027ع لاءِ 1.5 ٽريلين ڊالرن جي دفاعي بجيٽ جي درخواست ڪئي آهي، پر ڪانگريس ۾ ان بابت سوال اٿاريا پيا وڃن. گذريل مهيني 45 ڊيموڪريٽ سينيٽرن ۽ هڪ آزاد ميمبر دفاع واري وزير پيٽ هيگسيٿ کي خط لکي جنگي خرچن جا مڪمل تفصيل عوام آڏو آڻڻ جو مطالبو ڪيو هو ڪانگريس جي بجيٽ آفيس جي هڪ ٻي رپورٽ موجب، پهرين آگسٽ تائين ايران سان جنگ تي آمريڪا جا خرچ لڳ ڀڳ 38 ارب ڊالر تائين پهچي چڪا هئا. هوڏانهن پينٽاگون رپورٽ ۾ ڄاڻايل نقصانن ۽ بجيٽ تي انهن جي امڪاني اثرن بابت وڌيڪ تبصرو ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي.

### بقايا عوامي سوچ 01

اران آبپاشي کاتي جي انجنيئر امتياز پرڳڙي ۽ داروغي دادو لاشاري خلاف سخت احتجاج جو اعلان ڪيو ويو آهي. جسقم جي سينيئر اڳواڻ ۽ نيشنل ڪانگريس ميمبر منظور ميمڻ سان مبينا بدتميزي ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ واري واقعي خلاف ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم ڏيندي لاڳاپيل عملدارن کان معافي وٺڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ جسقم شهيد بشير خان جي تعلقي باڍي جو گڏيل هنگامي اجلاس ضلعي صدر محمد خان پناڻ جي صدارت هيٺ ٿيو. جنهن ۾ جنرل سيڪريٽري شاهجهان لغاري، ماليات سيڪريٽري نجيب الله ميمڻ، پريس سيڪريٽري ممتاز ساند، تعلقي صدر ايوب ڪوسو، نائب صدر اياز لغاري، سٽي صدر آفتاب چانڊيو ۽ نيشنل ڪانگريس ميمبر منظور ميمڻ سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ اڳواڻن آبپاشي انجنيئر امتياز پرڳڙي ۽ داروغي دادو لاشاري پاران منظور ميمڻ سان مبينا بدتميزي ۽ ڪيس موت مار ڌمڪيون ڏيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته پرامن سياسي ڪارڪنن کي ڌمڪائي سندن آواز دٻائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي برداشت نه ڪيو ويندو. جسقم اڳواڻن لاڳاپيل عملدارن کي ٽن ڏينهن اندر پنهنجي مبينا عمل تي معافي وٺڻ جو الٽيميٽم ڏيندي خبردار ڪيو ته مطالبو تسليم نه ٿيڻ جي صورت ۾ سخت احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا ۽ آبپاشي آفيس آڏو پرامن بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪئي ويندي. هنن وڌيڪ چيو ته اختلافن ۽ شڪايتن جو حل ڌمڪين ذريعي نه، پر قانون، دليل ۽ ذميواريءَ سان ڪيڻ گهرجي. ڪنهن به سرڪاري عهدي کي ذاتي دٻاءُ وجهڻ يا ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. جسقم اڳواڻن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن سياسي ڪارڪنن جي عزت ۽ تحفظ کي يقيني بڻائي سگهجي.

### بقايا عوامي سوچ 02

نهنجي امان عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي بدين ويندي ٽنڊوغلام حيدر ۾ شاندار استقبال ڪارڪنن اڳواڻن پاران گلن جي ورکا ڪئي وئي ان موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ امڙ کي بچائڻ لاءِ نڪتا آهيون عوام پاران ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو وچن ڪيو پيو وڃي ڌرتي واسي پنهنجي سنڌ امڙ جي حفاظت ڪري ڄاڻن ٿا ان موقعي تي نثار ڪيريو سميت ايس ٽي پي جا اڳواڻ پڻ موجود هئا

### بقايا عوامي سوچ 03

تنگ اچي 31 ورهين جي لڇمي زال هرڪو ڪولهي اندر ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتڻ جو لاش تعلقي اسپتال ٽنڊوغلام حيدر آندو جتي ضروري قانوني ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب فوتڻ ڇهن ٻارڙن جي ماءُ هئي اڪثر بيمار رهندي هئي غربت سبب سنڌس علاج به نه پي ٿي سگهيو جنهن سبب هن انتهائي قدم کنيو آهي

### بقايا عوامي سوچ 04

ڳ ڀڳ غير قانوني سوئي گيس ڪنيڪشن ڪٽيا ويا. ان موقعي تي سب زونل مينيجر اقبال احمد ڪرناٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شهرين کي بار بار اپيلون ڪرڻ باوجود ڪجهه ماڻهو غير قانوني ڪنيڪشن لڳائي رهيا آهن. جنهن سبب سوئي سدرن گيس ڪمپني کي وڏو مالي نقصان پهچي رهيو آهي. هن چيو ته هن چوري جو سڌو نقصان انهن قانوني صارفين کي ڀوڳڻو پوي ٿو، جن جا ميٽر لڳل آهن ۽ جيڪي باقاعدي بل ادا ڪن ٿا هن چيو ته گهارو شهر ۾ اڄ ڪيل آپريشن دوران 250 کان وڌيڪ غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا آهن. شهرين کي هڪ ڀيرو ٻيهر اپيل ٿا ڪريون ته غير قانوني ڪنيڪشن لڳائڻ کان پاسو ڪن، ٻي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. آخر ۾ هن آپريشن ۾ سهڪار ڪندڙ سموري ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته سموري ٽيم جس لهي جنهن هن آپريشن ۾ مون سان ڀرپور سهڪار ڪيو.

### بقايا عوامي سوچ 05

ٽريڪ جي تعمير ۾ استعمال ٿيندڙ ڀاري مشينري سبب مٺارو، هنجتل، ڀاڏاڙو ۽ اوگهي جو پار ڏانهن ويندڙ روڊ تباهه ٿي ويو آهي. علائقي واسين جو احتجاج. روڊ ٽٽڻ سبب روزانو اسڪول ويندڙ 200 کان 300 شاگردن جي زندگين کي چوويهه ڪلاڪ خطرو آهي ۽ حادثا معمول بڻجي ويا. ڳوٺاڻا، مظاهرين ۾ محمد منگريو، حسين سميجو، ونهيل ۽ صدام پاران روڊ جي تباهي خلاف احتجاج ڪيو ويو اعليٰ انتظاميا کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو. ريلوي جي ڀاري مشينري سبب اسان جي ڳوٺن ڏانهن ويندڙ روڊ بلڪل تباهه ٿي ويو آهي ۽ ڳوٺاڻن جي اچ وڃ به متاثر ٿي وئي آهي. اسڪولي شاگردن جي حفاظت لاءِ روڊ جي فوري مرمت ڪرائي وڃي: احتجاج ڪندڙ. رهواسين جو روڊ جي بحالي لاءِ احتجاج، لاڳاپيل اختيارين کان ترت قدم کڻڻ جي اپيل

### بقايا عوامي سوچ 06

عي بخش زرعي فصل طور سڃاتي ويندڙ ڳاڙهي مرچ جا مناسب اگهه نه ملڻ ڪري آبادگارن لاءِ فصل تي آيل پيداواري خرچ به پورا ڪرڻ ڏکيا ٿي پيا آهن آبادگارن موجب گذريل سالن دوران 18 هزار کان 20 هزار رپيا في مڻ تائين وڪرو ٿيندڙ ڳاڙهي مرچ هن سال لڳ ڀڳ 9 هزار رپيا في مڻ جي اگهه تي وڪرو ٿي رهي آهي، جيڪو وڌندڙ پيداواري خرچن جي ڀيٽ ۾ انتهائي گهٽ آهي. اگهن ۾ وڏي گهٽتائي سبب آبادگارن جي آمدنيءَ تي وڏو اثر پيو آهي. جڏهن ته ڪيترائي آبادگار پنهنجي سڄي سال جي محنت جو مناسب معاوضو حاصل ڪرڻ کان به محروم بڻيل آهن آبادگارن جو چوڻ آهي ته ڳاڙهي مرچ جي فصل جي تياريءَ کان وٺي لاباري تائين ٽريڪٽر، زمين جي تياري، معياري ٻج، ڀاڻ، زرعي اسپري، آبپاشيءَ لاءِ پاڻي ۽ مزدوريءَ سميت ٻين خرچن ۾ لڳاتار اضافو ٿي رهيو آهي. پر ٻئي طرف مارڪيٽ ۾ فصل جا مناسب اگهه نه ملڻ ڪري خرچن جي پورائي به هڪ وڏو مسئلو بڻجي وئي آهي هنن وڌيڪ چيو ته ڳاڙهي مرچ جي فصل مان آمدني گهٽجڻ سبب ربيع جي ايندڙ فصل جي پوکيءَ لاءِ ڀاڻ، ٻج، پاڻي، ڊيزل ۽ ٻين زرعي ضرورتن جو بندوبست ڪرڻ به ڏکيو ٿي پيو آهي. جنهن ڪري آبادگار نه رڳو موجوده فصل جي نقصان کي منهن ڏئي رهيا آهن، پر ايندڙ فصل بابت پڻ پريشان آهن. آبادگارن حڪومت سنڌ، زراعت کاتي ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نئون ڪوٽ جي مرچ منڊيءَ ۾ ڳاڙهي مرچ جي لاٿل اگهن جو ترت نوٽيس وٺي، آبادگارن کي فصل جا مناسب ۽ منافعي بخش اگهه ڏيارڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. هنن مطالبو ڪيو ته زرعي پيداوار جي خريداريءَ لاءِ اهڙو مناسب اگهه مقرر ڪيو وڃي، جنهن سان آبادگارن جا پيداواري خرچ پورا ٿي سگهن ۽ کين سندن محنت جو جائز معاوضو ملي سگهي. جيئن زرعي معيشت کي سهارو ملي ۽ آبادگار مالي بدحاليءَ مان نڪري سگهن.

### بقايا عوامي سوچ 07

ف ڪاتي جي گيم انسپيڪٽر علي شاه پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي ڪيدي ساڙي ڇڏيا. جڏهن ته ٽيم کي ڏسي مبينا طور پکين جو شڪار ڪندڙ ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي فرار ٿي ويا. گيم انسپيڪٽر علي شاه پنهنجي ٽيم سان گڏ پرديسي پکين جي غيرقانوني شڪار کي روڪڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪندي شڪارين خلاف گهيرو تنگ ڪري ڇڏيو آهي. جنهن ڪري شڪاري سخت پريشان آهن. صحافين سان ڳالهائيندي علي شاه چيو ته پرديسي پکي ماحولياتي توازن ۽ قدرتي جيوت جو اهم حصو آهن. جن جي تحفظ لاءِ شڪار جي روڪٿام ۽ اثرائتي نگراني انتهائي ضروري آهي. هن چيو ته پکين جي غيرقانوني شڪار جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي. ان عمل ۾ جيڪو به ڏٺو ويو ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

### بقايا عوامي سوچ 08

تي رات هڪ وڳي ٻن مزدورن جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن کي تشدد جو نشانو بڻايو. متاثر خاندان موجب پوليس اهلڪار بنا وارنٽ ۽ ليڊي پوليس جي گهرن ۾ داخل ٿيا ۽ عورتن کي بسترن تان اٿاري تشدد ڪيو. متاثر عورت حڪيمه زال اياز شاهه ۽ اياز شاهه موجب پوليس هڪ نوجوان اياز شاهه کي به گرفتار ڪري ٿاڻي تي منتقل ڪيو. جنهن کي جاچ پڙتال ڪانپوءِ آزاد ڪيو ويو. پوليس اهلڪارن جو چوڻ هو ته ڪراچي جو هڪ بدنام جوابدار هن علائقي ۾ روپوش آهي. جنهن جي ڳولا لاءِ ٻن موٽر سائيڪلن تي سوار مخبرن جي نشاندهي تي ڪارروائي ڪئي وئي. متاثر عورت حڪيمه ۽ اياز شاهه آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي ٺٽو کان واقعي جي جاچ ڪرائڻ ۽ مبينا طور ملوث پوليس اهلڪارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

### بقايا عوامي سوچ 09

لي پاران هڪ گهر تي مبينا ڇاپو هڻي معذور عورت راڻي بانو، سندس ناني امتياز علي خاصخيلي ۽ 10 مهينن جي معصوم نياڻي نايا کي گرفتار ڪري مڪلي ٿاڻي منتقل ڪرڻ جو معاملو سامهون آيو آهي گرفتار ٽنهي ڇٽڻ کي مبينا طور رات تقريبن هڪ وڳي آزاد ڪيو ويو. آزادي ڪانپوءِ معذور عورت راڻي بانو پاران وڊيو بيان جاري ڪيو ويو جنهن ۾ هن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هوءَ ڪنهن به غلط ڪم ۾ ملوث ناهي ۽ پنهنجي گهر ۾ خاندان سان گڏ رهندي آهي راڻي بانو چيو آهي ته ايس ايڇ او مڪلي مبينا طور ڪنهن شخص جي چوڻ تي رات دير سان سنڌس گهر تي ڇاپو هنيو ۽ ڪيس، سنڌس ناني امتياز علي خاصخيلي ۽ 10 مهينن جي معصوم نياڻي نايا کي بنا جواز گرفتار ڪري ٿاڻي منتقل ڪيو ويو راڻي بانو چيو ته 20 ڏينهن اڳ سنڌس مڪلي بائي پاس تي تمام ايڪسيڊنٽ ٿيو هو جنهن جو اڃان تائين علاج هلندڙ آهي راڻي بانو موجب گرفتاري ڪانپوءِ سنڌس خاندان ۾ سخت پريشاني پکڙجي وئي. جڏهن ته پوليس پاران ڪانئڻ وڏي رقم طلب ڪرڻ جي پڻ گهر ڪئي وئي هوئي بعد ۾ ٽنهي کي رات تقريبن هڪ وڳي آزاد ڪيو ويو. معذور عورت راڻي بانو ايس پي ٺٽو، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ملوث اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 10

عد نماز مغرب منعقد ڪيو ويو. اجلاس ۾ مقامي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي وڏي انگ شرڪت. اجلاس کي خصوصي خطاب ڪندي ضلعي امير حضرت مولانا سائين عبدالوهاب بلوچ صاحب فرمايو ته مارچ 2027ء سکر ۾ منعقد ٿيندڙ تاريخي "امن عالم اجتماع" جي حوالي سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تحرڪ پيدا ڪيو پيو وڃي. هن تمام ڪارڪنن ۽ يونٽ عهديدارن کي هدايت ڪئي ته اجتماعي رابطا تيز ڪري تيارين کي حتمي روپ ڏنو وڃي. ضلعي سيڪريٽري جنرل حافظ محمد سليم عاطف چانڊيو صاحب پنهنجي خطاب ۾ چيو ته: "اسان جي عظمت واري ڌرتي سنڌ کي ٽوڙڻ ۽ تقسيم ڪرڻ جون عالمي توڙي مقامي سازشون رچيون پيون وڃن. جمعيت علماءِ اسلام جو هر ڪارڪن سنڌ جي دفاع لاءِ پهرين صف ۾ هوندو. اهڙي ڪائي به ناپاڪ سازش ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي." حافظ سليم عاطف چانڊيو علائقي جي سنگين صورتحال تي تشويش جو اظهار ڪندي چيو ته گهوڙاٻاري ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ آئيس ۽ ٻين خطرناڪ منشيات نوجوان نسل کي تباهي ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. بدامني عروج تي آهي. جڏهن ته چوريون، ڦرون ۽ ڌاڙا روز جو معمول بڻجي چڪا آهن ۽ مقامي انتظاميه مڪمل طور بيوس نظر اچي ٿي. اعليٰ قانون نافذ ڪندڙ ادارن ۽ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته فوري طور علائقي ۾ امن امان بحال ڪرايو وڃي. امير جي يو آئي تعلقو گهوڙاٻاري مولانا غلام نبي خشڪ صاحب خطاب ڪندي چيو ته آبادگارن ۽ هارين کي فصلن جا باجواز ريٽ نٿا ڏنا وڃن. مل مالڪان پنهنجا خودساخته ريٽ مقرر ڪري هارين توڙي زميندارن جي ڪليل لٽ مار ڪري رهيا آهن. هن حڪومت کان فوري نوٽيس وٺڻ ۽ هارين کي مناسب قيمتون ڏيارڻ جو سخت مطالبو ڪيو. جي يو آئي تعلقي گهوڙاٻاري جي سيڪريٽري جنرل محترم محمد يعقوب ٿنيو صاحب اجلاس دوران مختلف يونٽن جو تنظيمي رڪارڊ چيڪ ڪيو ۽ ڪارڪنن جي تنظيمي تنظيم سازي تي اطمينان جو اظهار ڪيو. هن يونٽ جي عهديدارن کي حيدرآباد ڊويزنل اجلاس ۾ ڀرپور ۽ نئين عزم سان شرڪت جي دعوت ڏني. ان موقعي تي اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙ معزز اڳواڻ ۽ ڪارڪن: اجلاس ۾ ميمبرن ۽ ڪارڪنن جو وڏو تعداد موجود هو. جن ۾ اهم شخصيتون شامل هيون: مولوي نعيم چانڊيو مولوي شاهجان حافظ خدابخش چانڊيو محمد يوسف چانڊيو شريف چانڊيو خان محمد چانڊيو سائين يونس چانڊيو الياس چانڊيو محمد خان چانڊيو حافظ اصغر چانڊيوفيض محمد چانڊيو گل محمد چانڊيو حاجي چانڊيو ۽ ٻيا وڏي انگ ۾ موجود هئا

### بقايا عوامي سوچ 11

ئي وئي آهي. پوليس موجب، ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ۽ ايس ايس پي ميرپورخاص جي هدايتن تي ايس ايڇ او مهران خدا بخش رانجهاڻي، انچارج 15 عباس علي عباسي سان گڏ باغ مصطفيٰ ڪالوني ۾ ڪارروائي ڪئي، جتان وڏي مقدار ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار پارٽي گٽڪو هٿ ڪيو ويو. پوليس موجب، ڪارروائي دوران سڪون پارٽي گٽڪي جا 60 پيڪٽ، جن ۾ 6 هزار پڙيون، جڏهن ته آداب گٽڪي جا 45 پيڪٽ، جن ۾ 4 هزار 950 پڙيون شامل آهن، هٿ ڪيون ويون. اهڙيءَ ريت پوليس مجموعي طور 10 هزار 950 پڙيون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل جوابدارن ۾ طارق عزيز ولد خوشي محمد ۽ جمشيد ولد طارق راجپوت شامل آهن. پوليس موجب، گرفتار جوابدارن خلاف ٿاڻي مهران تي ايف آءِ آر نمبر 89/2026، قلم 4/8 تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. ميرپورخاص پوليس پاران گٽڪي، مين پڙي ۽ ٻين صحت لاءِ هاڃيڪار شين جي خريد ۽ وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروايون جاري رکڻ جو عزم پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي

### بقايا عوامي سوچ 12

، سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضن، ڪارپوريٽ فارمنگ، 28هين آئيني ترميم ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي ڌاڙن خلاف ڪوٽ غلام محمد ۾ نادره چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار، مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر رسول بخش خاصخيلي، ڊاڪٽر دلدار لغاري، عوامي تحريڪ ضلعي ميرپورخاص جي آرگنائيزر ايڊووڪيٽ اياز ڪلوئي، ساڄن ڪمار، مختيار خاصخيلي، راڻو مل، برڪت شر، مولابخش نونڊاٽي ،امير بخش جروار، شگن ڪولهي، نور محمد خاصخيلي ۽ ٻين اڳواڻن ڪئي. ريلي ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت ڪئي. اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سنڌ جي وحدت، قومي حقن، زمينن، وسيلن ۽ پاڻيءَ جي تحفظ لاءِ نعريبازي ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو سنڌ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي طور هڪ وحدت ۽ ملڪ جو باني صوبو آهي. سنڌ جو ڪروڙين عوام سنڌ کي انتظامي يونٽن يا صوبن جي نالي ۾ ورهائڻ خلاف پنهنجو فيصلو ٻڌائي ڇڏيو آهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته گذريل اوڻهٺر سالن کان ملڪ ۾ شامل ننڍن قومن جي وسيلن تي قبضو ڪري ديوار سان لڳايو ويو آهي. ورلڊ بئنڪ جي رپورٽ مطابق ملڪ ۾ تيزي سان غربت وڌي پئي، دهشتگردي ۾ اضافو ٿيو آهي. حڪمرانن معاشي طور تي ملڪ جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. اڳواڻن چيو ته ملڪ جي 25ڪروڙ عوام جي قسمت جا فيصلا آئي ايم ايف حوالي ڪيا ويا آهن. مخصوص اشرافيه عوام کي ڦري ڪنگال ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي هارين ۽ ننڍن آبادگارن کي بي دخل ڪرڻ يا سندن روزگار کي خطري ۾ وجهڻ بدران زرعي ترقيءَ جا اهڙا منصوبا جوڙيا وڃن. جن مان مقامي ماڻهن کي حقيقي فائدو ملي. بي زمين هارين کي زمينون ڏنيون وڃن. ماحولياتي تبديلين جي تناظر ۾ فصلن لاءِ ڪارائتي ڄاڻ ڏني وڃي، سنڌ کي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي. اڳواڻن چيو ته سنڌ ۾ پاڻيءَ جي هٿرادو ڪوٽ سبب سنڌ جا آبادگار، هاري ۽ عام ماڻهو سخت متاثر ٿي رهيا آهن. فصلن جي پوک، پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ ماڻهو تڙپي رهيا آهن ۽ ماحولياتي نظام کي نقصان پهچي رهيو آهي. هنن چيو ته 28هين آئيني ترميم آڙ ۾ مقصد صوبن کان اختيار کسي سمورا اختيار وفاق کي ڏئي طاقتور ڪرڻ وارو فارمولو ملڪ جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي بنيادي تصور ۽ سوچ جي خلاف آهي. عوامي تحريڪ جي اڳواڻن چيو ته عوامي سجاڳي مهم جو مقصد سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجن بنيادي حقن، قومي وحدت، معاشي مسئلن ۽ جمهوري اختيارن بابت سجاڳ ڪرڻ آهي. سنڌ جي هارين، مزدورن، شاگردن، عورتن ۽ نوجوانن کي گڏجي پرامن، جمهوري ۽ منظم جدوجهد ذريعي پنهنجي ڌرتي، پاڻي، زمينن ۽ وسيلن جو تحفظ ڪرڻو پوندو

### بقايا عوامي سوچ 13

دن جي تڪليف جي آپريشن دوران فوت ٿي ويو. وارثن موجب آپريشن ڪانپوءِ نوجوان کي هوش نه آيو. جڏهن ته اسپتال انتظاميا پاران کين مختلف وقتن تي مريض جي حالت بابت آگاهه ڪيو ويو. تفصيل موجب جنگشاهي پرسان ڳوٺ علي نواز جوکيو جو رهواسي 25 ورهين جو نوجوان علي جان ولد علي بخش جوکيو گردن جي تڪليف ۾ مبتلا هو. جنهن کي علاج لاءِ ڪراچي جي نجي ميڊسٽي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. جتي گذريل رات سنڌس آپريشن ڪيو ويو. وارثن موجب ڊاڪٽرن نوجوان کي بيهوش ڪري آپريشن شروع ڪيو، جيڪو لڳ ڀڳ ٻن ڪلاڪن تائين جاري رهيو. پر آپريشن دوران نوجوان کي هوش نه اچي سگهيو وارثن جو چوڻ آهي ته اسپتال عملي پاران کين ٻڌايو ويو ته مريض هوش ۾ اچي ويو آهي. پر ڪجهه منٽن ڪانپوءِ ٻيهر ٻڌايو ويو ته مريض کي اڃا تائين هوش نه آيو آهي ۽ ڪيس هوش ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. واقعي ڪانپوءِ نوجوان جي وارثن ۾ ڏک ۽ پريشاني پکڙجي وئي. نوجوان جي فوت ٿيڻ جا اصل سبب ۽ علاج دوران ڪنهن قسم جي غفلت ٿي يا نه، ان بابت اسپتال انتظاميا جو موقف سامهون اچڻ ۽ معاملي جي شفاف جاچ ٿيڻ ضروري آهي فوتي نوجوان ٽي پٽ هڪ نياڻي هڪ بيواهه سوڳوار ڇڏيو وي

### بقايا عوامي سوچ 14

پهچائڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن شڪايتن ۾ اهو پڻ چيو پيو وڃي ته اهڙن جانورن جو گوشت روهڙي جي گوشت مارڪيٽ کان علاوه علي واهڻ، ڪنڌرا،علي واهڻ ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ هوٽلن،ڪباب ۽ نهاري وڪرو ڪندڙن تائين پهچائڻ جو خدشو آهي جيڪڏهن انهن شڪايتن جي تصديق ٿئي ٿي ته اهو معاملو خوراڪ جي صفائي گوشت جي معيار ۽ عوامي صحت جي حوالي سان سنگين سوال پيدا ڪري سگهي ٿو ذريعن موجب جمعي ڏينهن به ڏينهن ڏٺي جو هڪ مئل ٻڪري جمبو لوڊر تي روهڙي آندي وئي جنهن بابت الزام آهي ته ان کي ڪاسائين سان لاڳاپيل ايجنٽن گهٽ اگهه تي خريد ڪري گوشت مارڪيٽ ڏانهن منتقل ڪيو ڄاڻايل واقعي بابت شهرين سوال اٿاريو آهي ته جيڪڏهن مردار جانورن جي خريد ۽ وڪري تي پابندي ۽ گوشت جي چڪاس لاءِ ضابطا موجود آهن ته پوءِ اهڙا واقعا ڪيئن پيش اچي رهيا آهن تنهن هوندي به واقعي جي مڪمل حقيقتن ۽ مبينا طور ملوث ماڻهن بابت سرڪاري سطح تي تصديق ٿيڻ ضروري آهي شهرين جو چوڻ آهي ته گوشت عوام جي روزاني خوراڪ جو اهم حصو آهي تنهن ڪري ان جي صفائي معيار ۽ صحت جي اصولن موجب هجڻ کي يقيني بڻائڻ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي سندن چوڻ موجب، جيڪڏهن جانورن جي صحت جي جاچ،ذبح ڪرڻ جي هنڌن جي نگراني ۽ گوشت جي مارڪيٽن ۾ چڪاس جو نظام مؤثر نه هوندو ته عوام جي صحت کي خطرا لاحق ٿي سگهن ٿا شهرين اهو به مطالبو ڪيو آهي ته گوشت وڪرو ڪندڙ دڪانن ۽ سپلاءِ جي ذريعن جي باقاعده جاچ ڪئي وڃي ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب قدم کنيا وڃن ٻي طرف روهڙي جي سياسي،سماجي ۽ مذهبي ڌرين ڪمشنر سکر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو ترت نوٽيس وٺي غيرجانبدارانه جاچ ڪرائي وڃي سندن مطالبو آهي ته مبينا طور مردار ۽ بيمار جانورن جي گوشت جي خريد ۽ وڪري ۾ ملوث جوابدارن جي نشاندهي ڪري الزام ثابت ٿيڻ جي صورت ۾ انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي گڏوگڏ جانورن جي صحت جي جاچ ذبح خانن جي نگراني گوشت جي مارڪيٽن جي چڪاس ۽ هوٽلن تائين گوشت جي فراهمي واري نظام کي به جاچ جي دائري ۾ آندو وڃي سياسي،سماجي ۽ مذهبي ڌرين وڌيڪ مطالبو ڪيو آهي ته لاڳاپيل ميونسپل ادارن،لائيو اسٽاڪ کاتي،خوراڪ جي معيار جي نگراني ڪندڙ عملدارن ۽ ٻين ذميوار ادارن کي متحرڪ ڪري گڏيل ڪارروائي ڪئي وڃي جيئن عوام کي معياري ۽ صحت لاءِ محفوظ گوشت جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي هنن اختيارين تي زور ڀريو آهي ته شڪايتن کي نظرانداز ڪرڻ بدران موقعي تي جاچ ڪرائي حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ ڪارروائي بابت شهرين کي آگاهه ڪيو وڃي شهرين اميد ظاهر ڪئي آهي ته اعليٰ اختياريون معاملي جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس وٺنديون ۽ اهڙو مؤثر نظام جوڙينديون، جنهن تحت مردار يا بيمار جانورن جي گوشت جي وڪري کي روڪڻ گوشت جي معيار جي تصديق ڪرڻ ۽ انساني صحت جي تحفظ لاءِ مستقل بنيادن تي نگراني ڪئي وڃي هنن خبردار ڪيو ته عوامي صحت سان لاڳاپيل اهڙي حساس معاملي ۾ لاپرواهي جون شڪايتون برقرار رهڻ سان شهرين جا خدشا وڌيڪ وڌي سگهن ٿا

### بقايا عوامي سوچ 15

جي اسٽيمنٽ تحت منصوبي جي منظوري ڏني وئي آهي جڏهن ته اسپتال جي نئين بلاڪ جي تعمير سال 2027ع ۾ مڪمل ڪري شهرين کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان،اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عروالوثقہ،ڊي ايڇ او سکر سيد علي گل شاهه،مڪاني ادارن واري صوبائي وزير جي فوڪل پرسن عرفان دائود پوٽو ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن روهڙي تعلقا هيڊڪوارٽر اسپتال جو دورو ڪري عمارت جي موجوده صورتحال جو جائزو ورتو دوري دوران اسپتال جي زبون حال عمارت ۽ صحت جي سهولتن بابت صورتحال جو معائنو ڪيو ويو جڏهن ته نئين بلاڪ جي تعمير واري منصوبي تي به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان چيو ته روهڙي تعلقا هيڊڪوارٽر اسپتال جي نئين بلاڪ جي تعمير لاءِ 10 ڪروڙ رپين جي اسٽيمنٽ تحت لوڪل گورنمينٽ پراجيڪٽ حيدرآباد ريجن سکر پاران منظوري ڏني وئي آهي منصوبي جو مقصد اسپتال جي عمارت کي بهتر بڻائڻ ۽ علائقي جي ماڻهن کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي ڪوشش ۽ ڊسٽرڪٽ چيئرمين سکر سيد ڪميل حيدر شاهه جي خصوصي ڪوشش سان روهڙي جي شهرين کي جلد خوشخبري ملندي اسپتال جي نئين بلاڪ جي تعمير مڪمل ٿيڻ سان مريضن کي علاج معالجي جون بهتر سهولتون ميسر ٿينديون ۽ اسپتال جي مجموعي ڪارڪردگي ۾ بهتري اچڻ جي اميد آهي ڊپٽي ڪمشنر موجب اسپتال جي نئين بلاڪ جي تعمير سال 2027ع ۾ مڪمل ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو ويو آهي جنهن ڪانپوءِ عوام کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ويندا واضح رهي ته روهڙي جي تعلقا هيڊڪوارٽر اسپتال شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي ماڻهن لاءِ اهم طبي مرڪز آهي جتي روزانو وڏي انگ ۾ مريض علاج لاءِ اچن ٿا اسپتال جي عمارت جي زبون حالي سبب نئين بلاڪ جي تعمير کي علائقي واسين لاءِ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو پيو وڃي شهرين کي اميد آهي ته منصوبي تي ڪم جلد شروع ڪري مقرر مدي اندر مڪمل ڪيو ويندو جيئن کين علاج جون بهتر سهولتون پنهنجي علائقي ۾ ئي فراهم ٿي سگهن

### بقايا عوامي سوچ 16

ڪڍي وئي، جسقم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، پنهل ساريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ايريگيشن گرائونڊ کان ذوالفقار چونڪ تائين ڄاڳرتا ريلي ڪڍي وئي جتي تقرير ڪندي ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي چيو آهي ته درياءَ جا مالڪ اسين آهيون جنهن ڪري ڪنهن کي اهو حق ناهي ته درياءَ تي ڌاڙا هڻي، هن چيو ته جوهي جي او پي پي ايل گيس ڪمپني جي گيس سنڌ بجاءِ پنجاب موڪلي پئي وڃي , هن چيو ته پنجاب سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪري اسانجي وسيلن تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو, هن چيو 45 فارم کي 47 ۾ تبديل ڪري اربين روپين عيوض رزلٽ وڪرو ڪئي پئي وڃي، ڪراچي سنڌ جي دل آهي جيسيتائين هڪ به سنڌي جيئرو آهي پنهنجي ڌرتي جو هڪ پتر به ڪون ڏيندا, سنڌ جي غدارن ۽ سنڌ خلاف سازشون ڪندڙن کي سنڌ ڌرتي جڳهه ڪانه ڏيندي هن چيو ته جوهي جي عوام ۾ اڳ ئي سڄاڳي آهي جيڪي 2010 جي مها ٻوڏ ۽ 2022 ۾ درياءَ واري ٻوڏن کي گهرن اندر داخل ٿيڻ ڪون ڏنو ته سنڌ مان غير واسطيدارن کي انچ به ڪون ڏيندا جوهي ڪاڇي جي عوام کي اپيل آهي ته حڪمرانن جي شهر لاڙڪاڻي ۾ 15 آڪٽومبر تي سنڌ خلاف ٿيندڙ سازشن ۽ حڪمرانن کي اکين سان لکين سنڌي ماڻهن جو آواز ٻڌائيندا سين ته هاڻ عوام اوهان جي سازشن کي سمجهي چڪو آهي ته جبموريت جي آڙ ۾ سنڌي ماڻهن جو جيڪو نقصان موجوده حڪمرانن ڪيو آهي ان جو بدلو ضرور ٿيندو ان,موقعي تي پنهل ساريو , حنان عباسي , سردار اڪبر مري , رمضان پنهور , قربان ڪوڪر , زاهد خادم ٻاهوٽو, ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

### بقايا عوامي سوچ 17

دي صدر : هوتچند ڪيماڻي سينيئر نائب صدر حاميد الله سمون نائب صدر : محمد اسماعيل ڪنير جنرل سيڪريٽري : سيول ڪنگهاراڻي جوائنٽ سيڪريٽري : آپا ڪملا پونم خزانچي : غلام محمد داداڻي ٻجير پريس سيڪريٽري : ڪشور ڪمار گهائل آفيس سيڪريٽري : راجا عمراڻي نئين آيل عهديدارن کي دل جي گهراين سان ڀليڪار چئون ٿا ۽ اڳين عهديدارن سائين محترم ملجي رانوڙ ۽ ٽيم جي ساٿين جو پڻ شڪريو مڃون ٿا

### بقايا عوامي سوچ 18

شڪايت تي خيرپور گمبوه جو دورو ڪري علائقي جي واحد آر او پلانٽ، پاڻي جي تلاءُ ۽ سرڪاري پلاٽ تي مبينا قبضي واري صورتحال جو جائزو ورتو درخواستگذار طرفان شڪايت ڪئي وئي ته عبدالمجيد ولد بادل خاصخيلي علائقي جي واحد آر او پلانٽ، پاڻي جي تلاءُ ۽ ان سان گڏ موجود سرڪاري خالي پلاٽ تي مبينا طور غيرقانوني قبضو ڪري گهر تعمير ڪيو آهي. جڏهن ته سرڪاري پلاٽ تي دڪان پڻ قائم ڪيو ويو آهي. شڪايت موجب مبينا قبضي سبب علائقي واسين جي آر او پلانٽ تائين پهچ متاثر ٿي رهي آهي. جڏهن ته آر او پلانٽ پڻ بند ڪيو ويو آهي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ بدين ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو صورتحال تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اسسٽنٽ مختيارڪار ٽنڊوباگو کي هدايت ڪئي ته آر او پلانٽ ۽ سرڪاري پلاٽ تان غيرقانوني قبضو جلد کان جلد ختم ڪرايو وڃي ۽ عوام لاءِ پيئڻ جي صاف پاڻي جي سهولت بحال ڪئي وڃي. هن پوليس پوسٽ خيرپور گمبوه جي انچارج کي پڻ هدايت ڪئي ته جيڪڏهن سرڪاري پلاٽ ۽ عوام لاءِ قائم ڪيل آر او پلانٽ تان قبضو ختم نه ڪيو وڃي ته مبينا قبضو ڪندڙ خلاف قانون موجب ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن بعد ۾ ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ بدين ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو بدين ٻاءِ پاس روڊ تي قائم واٽر سپلاءِ جو اوچتو دورو ڪري پاڻي جي تلائن ۽ ٻين انتظامن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي پاڻي جي تلائن جي خراب صورتحال، پاڻي جو سائي رنگ ۽ پاڻي ۾ موجود جيتن کي ڏسي هن سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو چيو ته هو اڳ به بدين واٽر سپلاءِ جو دورو ڪري چڪو آهي ۽ ان وقت ميونسپل ڪميٽي بدين کي صفائي ستراڻي ۽ پاڻي ۾ ڪلورين جي مناسب استعمال سميت ضروري هدايتون جاري ڪيون ويون هيون، پر انهن هدايتن تي عملدرآمد نه ٿيڻ افسوسناڪ آهي. هن چيو ته شهرين کي گندو، بدبودار ۽ غير معياري پاڻي فراهم ڪرڻ واري معاملي تي خاموش نه ٿو رهي سگهجي ۽ عوام کي صاف ۽ محفوظ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ لاڳاپيل ادارن جي ذميواري آهي ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب اعليٰ بدين گذريل دوري دوران جاري ڪيل هدايتن تي عمل نه ٿيڻ جو سخت نوٽيس وٺندي ميونسپل انتظاميا خلاف ڪارروائي جون هدايتون جاري ڪيون. هن چيو ته چيف ميونسپل آفيسر بدين کي طلب ڪيو ويو هو، پر هو حاضر نه ٿيو ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو چيف ميونسپل آفيسر بدين کي ٻيهر 13 آڪٽوبر 2026ع تي طلب ڪري ورتو ۽ واضح ڪيو ته مقرر تاريخ تي پيش نه ٿيڻ جي صورت ۾ شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويندو. جڏهن ته ان ڪانپوءِ به حاضري نه ڏيڻ جي صورت ۾ قانون موجب وارنٽ جاري ڪرڻ سميت وڌيڪ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

### بقايا عوامي سوچ 19

موسيقار ياسر عرفات ۽ اطلاعات کاتي جو ڊائريڪٽر ذوالفقار شيخ کي دادو پريس ڪلب پاران آجياڻي جي پروقار تقريب تي صحافي دوستن سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ ۽ ٻين عهديدارن استقبال ڪيو جڏهن ته کين سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپيون اوڍائي ڀرپور مان ڏنو ويو. مهمانن جي آجياڻي واري تقريب ۾ دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڊ، نائب صدر سرور جلال سولنگي، ولي چانڊيو، سخي سردار چارڻ، ڪامران ڪورائي، سجاد علي سولنگي، شيراز شيخ، مختيار سومرو، اعجاز سمون، علي گل چنا، ارباب رستماڻي، جاويد لغاري، نويد قريشي، سليم پنهور ۽ ٻين صحافين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ خطاب ڪندي چيو ته دادو پريس ڪلب صحافين جي گڏيل اتحاد، ڀائيچاري ۽ صحافتي سرگرمين جو اهم مرڪز آهي، جتي صحافتي دوستن سان گڏوگڏ سماجي، ادبي، ثقافتي ۽ قومي شعبي سان لاڳاپيل شخصيتن جي آمد کي ڀليڪار ڪيو وڃي ٿو.پروفيسر انعام شيخ، عرفان سمون، ذوالفقار شيخ، ياسر عرفات ۽ ٻين چيو ته صحافت معاشري جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، عوام جو آواز لاڳاپيل ادارن تائين پهچائڻ ۽ سماجي شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي، تنهن ڪري صحافين کي پنهنجي ذميوارين کي ايمانداري، غيرجانبداري ۽ پيشاورانہ اصولن تحت نڀائڻ گهرجي هنن چيو ته سنڌ جي ثقافت، ٻولي، ادب ۽ فن کي هٿي وٺرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي، جڏهن ته اهڙيون ملاقاتون صحافين، فنڪارن، اديبن ۽ سماجي شخصيتن وچ ۾ ويجهڙائپ، محبت ۽ گڏيل سهڪار کي وڌائڻ جو ذريعو بڻجن ٿيون. هنن صحافين پاران ڏنل مانُ، محبت ۽ آجياڻي تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي سندن خلوص ۽ سنڌي روايتن موجب ڪيل آدرڀاءَ کي ساراهيو. تقريب دوران صحافت، ادب، فن ۽ سنڌ جي ثقافتي ورثي جي واڌاري بابت خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي.

### بقايا عوامي سوچ 20

م ۽ واٽس ايپ اڪائونٽ هيڪنگ کان بچاءَ لاءِ احتياطي اپاءَ اختيار ڪرڻ جي هدايت. تفصيل موجب ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران ٽنڊوباگو ڪميونٽي هال ۾ ڪليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ٽنڊوباگو شهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن سان تعلق رکندڙ عورتن ۽ مردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا مسئلا، شڪايتون ۽ تجويزون پيش ڪيون. ڪليل ڪچهري دوران شهرين پاران گاڏين ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪرن جي استعمال، پلاٽن جي تڪرارن سميت مختلف مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي. ان موقعي تي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي شهرين جي شڪايتن جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل آفيسرن کي ضروري اپاءَ وٺڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ايس ايس پي بدين چيو ته ضلعي ۾ موٽرسائيڪلن ذريعي ون ويلنگ، تيز رفتاري ۽ فينسي لائيٽن جي غير ضروري استعمال خلاف 15 ڏينهن واري خاص مهم شروع ڪئي وئي آهي، جنهن جو مقصد ٽريفڪ قانونن تي عملدرآمد يقيني بڻائڻ، حادثن جي روڪٿام ۽ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ آهي. شهرين پاران شهر ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ، پوليس نفري ۾ واڌ، وڌيڪ پوليس پڪٽون قائم ڪرڻ ۽ پوليس گشت وڌائڻ جون تجويزون پڻ پيش ڪيون ويون. ان موقعي تي ايس ايس پي بدين چيو ته شهر ۾ سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي تنصيب لاءِ واپارين ۽ ٽائون انتظاميا جو سهڪار انتهائي ضروري آهي. گڏيل ڪوشش ذريعي نگرانيءَ جو مؤثر نظام قائم ڪري موٽرسائيڪلن جي چوري ۽ ٻين ڏوهن جي روڪٿام ۾ مدد حاصل ڪري سگهجي ٿي. ڪليل ڪچهري دوران شهري انور علي عباسي جي درخواست تي فوري داد رسي ڪئي وئي. جڏهن ته ٻين ڪيترين ئي لکت ۽ زباني شڪايتن تي ڊي ايس پي ٽنڊوباگو محمود پوٽ کي جاچ ڪري درخواستگذارن کي ميرٽ جي بنياد تي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون. ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي چيو ته ضلعي جي سمورن ايس ايڇ اوز کي امن امان برقرار رکڻ ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف اثرائتيون ڪارروايون ڪرڻ لاءِ واضح هدايتن سان گڏ مڪمل اختيار ڏنا ويا آهن. پوليس آفيسرن جي ذميواري آهي ته هو قانون موجب ڪارروائي ڪندي شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ امن امان جي قيام کي يقيني بڻائين. هڪ شهري جي شڪايت تي سائبر ڪرائم جي وڌندڙ واقعن جو ذڪر ڪندي ايس ايس پي بدين چيو ته واٽس ايپ اڪائونٽ هيڪ ٿيڻ جون ڪيتريون ئي شڪايتون سامهون اچي رهيون آهن. شهرين کي گهرجي ته پنهنجا اڪائونٽ محفوظ بڻائڻ لاءِ واٽس ايپ ۾ ٽواسٽيپ ويري فڪيشن (Two Step Verification)_وارو فيچر فعال ڪن ۽ ڪنهن به اڻڄاتل يا غير لاڳاپيل شخص سان تصديقي ڪوڊ شيئر نه ڪن. جيئن اڪائونٽ هيڪ ٿيڻ ۽ امڪاني مالي نقصان کان بچي سگهجي. ايس ايس پي بدين وڌيڪ چيو ته ڪليل ڪچهريون منعقد ڪرڻ جو بنيادي مقصد عوام وٽ پهچي سندن مسئلا ٻڌڻ، شڪايتن جو بروقت ازالو ڪرڻ ۽ کين انصاف جي فراهمي يقيني بڻائڻ آهي. پوليس ۽ عوام وچ ۾ رابطن کي مضبوط بڻائي ئي ڏوهن جي روڪٿام ۽ عوامي اعتماد ۾ واڌ آڻي سگهجي ٿي. ڪليل ڪچهري ۾ ڊي ايس پي ٽنڊوباگو محمود پوٽ، ايس ايڇ او ٽنڊوباگو انسپيڪٽر محمد انور لغاري، انچارج سي آءِ اي انسپيڪٽر علڻ خان عباسي، انچارج ڊي آءِ بي انسپيڪٽر محمد خان سومرو، چيئرمين ٽائون ٽنڊوباگو خان صاحب عبدالرحمان جمالي، پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ، مولانا عبدالواحد فاروقي سميت سوين شهرين شرڪت ڪئي

### بقايا عوامي سوچ 21

جنهن بعد وارثن پاران ميرپورخاص– عمرڪوٽ روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو ويو. وارثن ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته ڪينال ۾ مسلسل ماڻهو ڪري ٻڏي رهيا آهن، پر اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ جوڳا حفاظتي انتظام نه پيا ڪيا وڃن. وارثن الزام هنيو ته نوجوان جي ڪينال ۾ ڪرڻ واري واقعي کي هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت گذرڻ ۽ بار بار اطلاع ڏيڻ باوجود امدادي ٽيم دير سان پهتي. جنهن سبب وارثن ۾ سخت ڳڻتي پکڙجي وئي. هوڏانهن مٺڙائو ڪينال ۾ ٻڏي ويل محمد بخش عرف مامو پنهور جي ڳولا لاءِ ريسڪيو آپريشن جاري آهي. واقعي واري هنڌ پوليس نفري ۽ وڏي انگ ۾ ريسڪيو عملو موجود آهي. جڏهن ته ٻيڙين ذريعي پاڻيءَ ۾ نوجوان جي ڳولا رات دير تائين جاري رهي. واقعي واري هنڌ علائقي واسين سميت وارثن جو وڏو انگ پڻ موجود آهي. جيڪي نوجوان جي ملڻ لاءِ پريشان آهن. وارثن مطالبو ڪيو آهي ته نوجوان جي ڳولا لاءِ آپريشن تيز ڪيو وڃي ۽ ڪينال ۾ ماڻهن جي ٻڏي وڃڻ وارن واقعن کي روڪڻ لاءِ حفاظتي انتظام ڪيا وڃن. جڏهن ته امدادي ڪارروائي ۾ مبينا ديرجي پڻ جاچ ڪئي وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 22

پيش امام مولانا مفتي سليم جي ضمانت واري درخواست عدالت رد ڪري ڇڏي. ٻارجي والد جي الزام موجب، مولانا مفتي سليم ٻار کي پنهنجي گهر سڏي مبينا طور هراسان ڪيو ۽ بعد ۾ بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. واقعي ڪانپوءِ ٻار جا وارث ۽ پاڙي وارا پوليس سان گڏ نامزد شخص جي گهر پهچي ويا هئا. جتي هنن قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو. واقعو سوشل ميڊيا تي پڻ بحث جو موضوع بڻيل رهيو. جڏهن ته معاملي بابت مختلف پوسٽون گردش ڪنديون رهيون. وارثن پاران نامزد شخص خلاف مهراڻ ٿاڻي تي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪرائي وئي هئي. ضمانت واري درخواست رد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيس وڌيڪ قانوني مرحلي ۾ داخل ٿي ويو آهي. الزام هيٺ آيل شخص خلاف الزامن جي حتمي حقيقت عدالتي ڪارروائي ڪانپوءِ ئي سامهون ايندي.

### بقايا عوامي سوچ 23

ڳوٺ ابوبڪر موروجو وٽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا دين محمد موروجو ۽ محمد اقبال سخت زخمي ٿي پيا، جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. زخمين مان محمد اقبال جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي، جيڪو ڳوٺ شير محمد نوڙها جو رهواسي آهي. واقعي بعد پوليس پاران محمد اقبال کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي ڪري وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد روانو ڪري ڇڏيو

### بقايا عوامي سوچ 24

هن جو باقاعده افتتاح پاڪستان جي نامياري عالم دين مفتي منير احمد ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ ۽ قومي اسيمبليءَ جي ميمبر پير آفتاب شاهه جيلاني، ميرپورخاص ڪارپوريشن سٽي جي صدر پير عزت شاهه جيلاني پنهنجي هٿن سان ڪيو. تقريب کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته ديني تعليم سان گڏ شاگردن ۽ شاگرديائين کي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي سکيا سان آراسته ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هنن چيو ته مفتي شريف سعيدي پاران جامعه نورالقرآن ۾ جديد ڪمپيوٽر ليب قائم ڪرڻ وارو قدم ساراهه جوڳو ۽ ٻين تعليمي ادارن لاءِ قابلِ تقليد آهي. جنهن سان شاگردن ۽ شاگرديائين کي جديد دور جي گهرجن مطابق تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ٿيندا. تقريب ۾ جيلاني هائوس ميرپورخاص جي ٽيم جي ميمبرن ياسر عمراني، سردار بابر خاصخيلي، چيئرمين حنيف ميمڻ، چيئرمين دوست محمد خاصخيلي، آصف عمراڻي، مير عمر عمراڻي، چوڌري آصف، فخر عباس خاصخيلي سميت ٻين معزز شخصيتن ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. تقريب دوران جديد ڪمپيوٽر ليب جي قيام کي تعليمي ميدان ۾ هڪ اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو.

### بقايا عوامي سوچ 25

مرڪوٽ پريس ڪلب جي نئين چونڊيل صدر امين ميمڻ، نائب صدر ممتاز آريسر، جنرل سيڪريٽري مدن گوپال، جوائنٽ سيڪريٽري اسلم مهر، خزانچي نظر سميجو، پريس سيڪريٽري ڪانجي مل ۽ رابطا سيڪريٽري سهيل ڪمبار کي مبارڪباد ڏني وئي. ميرپورخاص پريس ڪلب جي وفد پاران عمرڪوٽ پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ طور روايتي سوکڙي اجرڪ ۽ لونگي پڻ پيش ڪئي وئي. ان موقعي تي ميرپورخاص پريس ڪلب جي صدر نذير پنهور سان گڏ سنڌ ٽي وي جي پروگرام انچارج ڊاڪٽر ليکراج راٺوڙ، پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري شاهد حسين خاصخيلي، فنانس سيڪريٽري بلال محمود ۽ پريس ڪلب جو ميمبر طالب شر پڻ موجود هئا

### بقايا عوامي سوچ 26

۾ سٽل گهر ڌڻي جو نوجوان پٽ 18 سالن جو عمران علي سڄاڳ ٿي پيو جنهن کي مزاحمت تي چورن گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو اطلاع تي سوين ماڻهو پهچي ويا جن نوجوان جي لاش کي اسپتال پهچايو جتي ضروري ڪارروائي کان پوءِ مختلف ڳوٺن جي رهواسين ۽ مغيري برادري ۽ وارثن لاش ايمبولنس ۾ ڪٽائي قمبر لاڙڪاڻو ٻاءِ پاس تي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي طرفن کان گاڏيون بيهجي ويون ان موقعي تي ثناءالله مغيري ،اصغر مغيري ، نظام مغيري ،الطاف مغيري ۽ ٻين ٻڌايو ته اسان جو نوجوان سٽل هيو جو چور مينهن چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا سڄاڳ ٿيڻ تي چورن ان کي سڌي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڀڄي هليا ويا اسان جي ڪنهن سان به دشمني ناهي اسان سان ظالمن ظلم ڪيو آهي انهن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته قاتلن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 27

مستقل بحاليءَ جي مد ۾ مجموعي طور 28 لک رپين جا ڪراس چيڪ ورهايا ويا.ان موقعي تي خطاب ڪندي چيئرمين ڊسٽرڪٽ زڪوات اينڊ عشر ڪميٽي شهيد بينظيرآباد چوڌري ظفر آرائين چيو ته سنڌ حڪومت جي هدايتن موجب زڪوات فنڊ شفاف ۽ منصفاڻي طريقي سان حقيقي مستحق ماڻهن تائين پهچايو پيو وڃي، ته جيئن غريب ۽ ضرورتمند خاندانن جي مالي مدد کي يقيني بڻائي سگهجي. هن چيو ته زڪوات جو بنيادي مقصد معاشري جي ڪمزور ۽ پوئتي پيل طبقن جي مدد ڪرڻ، انهن جي ڏکيائين کي گهٽائڻ ۽ سندن زندگيءَ ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته اڄ ضلعي شهيد بينظيرآباد جي 148 مستحق مردن ۽ عورتن ۾ شادي گرانٽ ۽ مستقل بحاليءَ جي مد ۾ 28 لک رپين جا ڪراس چيڪ ورهايا ويا آهن. جن ۾ 66 مستحق نياڻين کي شادي گرانٽ جي مد ۾ في نياڻي 30 هزار رپين جا چيڪ ڏنا ويا. جڏهن ته مستقل بحاليءَ جي مد ۾ 82 بيواهه عورتن ۽ معذور ماڻهن کي في فرد 10 هزار رپين جا چيڪ ڏنا ويا.تقريب ۾ ڊسٽرڪٽ زڪوات آفيسر شهيد بينظيرآباد عبداللطيف چنڙ، سميع الله سمون سميت ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ موجود هئا.

### بقايا عوامي سوچ 28

ي ڪلب مٺي ۽ روٽري ڪلب ڪراچي پاران صحت کاتي ٿرپارڪر جي سهڪار سان 11 آڪٽوبر 2026 تي صبح جو نوين وڳي کان شام جو ڇئين وڳي تائين سول اسپتال مٺي ۾ مصنوعي ٽنگ لڳائڻ جي مفت ڪئمپ لڳائي پئي وڃي. انسانيت جي خدمت جي جذبي تحت روٽري ڪلب پاران لڳايل ڪئمپ ۾ ٿرپارڪر جي مستحق ۽ معذور ماڻهن جي مفت چڪاس، ماپ ۽ اعليٰ معيار جي مصنوعي ٽنگ لڳائي ڏني ويندي. عوام کي اپيل ڪئي وئي آهي ته اهي هن خير جي ڪم ۾ اڳيرا ٿين ۽ جيڪڏهن سندن ڳوٺ يا پاڙي ۾ ڪو معذور آهي ته ان کي ڪئمپ ۾ آڻين ته جيئن انهن کي وڌ کان وڌ فائدو ملي سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 29

شاهه ڪالوني چمبر روڊ تي جشن جمالو شو جو پروگرام شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت. پنڊال ۾ شهرين جي آمد جو سلسلو جاري آهي ٽپال ميزبان جي جشن جمالو شو ۾ لکين روپين جا انعام رکيا ويا آهن، ٽنڊوالهيار ۾ ٽپال ميزبان پاران جشن جمالو جا 2 شو رکيا ويا آهن مردن ۽ عورتن لاءِ الڳ الڳ پروگرام جو بندوبست ڪيو ويو آهي ٽپال ميزبان جشن جمالو شو جي ميزباني زوهيب چانڊيو ۽ مهوش قريشي ڪري رهيا آهن پنڊال ۾ موجود شهري قرعہ اندازي ۽ رانديون کيڏيون رانديون کٽيندڙ شهرين ۾ ٽپال ميزبان پاران لکين روپين جا انعام تقسيم ڪيا ويا.

### بقايا عوامي سوچ 30

ي ڪيپ هٽ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو.اختيارين موجب ڪارروائي اين آءِ سي وي ڊي جي پٺيان واقع بنگلي تي ڪئي وئي.جتي مبينا طور تي دوائون ذخيرو ڪيون ويون هيون.گرفتار جوابدار کان جاچ جاري آهي.جڏهن ته دوائن جي سپلاءِ، ذخيرو ڪرڻ ۽ مبينا غير قانوني وڪري حوالي سان جاچ ڪئي پئي وڃي.ڪارروائي کان پوءِ اهو سوال سامهون آيو آهي ته وڪري لاءِ منع ٿيل دوائون بنگلي تائين ڪيئن پهتيون.انهن کي ڪٿي سپلاءِ ڪيو وڃڻو هو ۽ هن معاملي ۾ وڌيڪ ڪير ملوث آهي.جاچ جا نتيجا سامهون اچڻ کان پوءِ ئي معاملي جا مڪمل تفصيل واضح ٿي سگهندا

### بقايا عوامي سوچ 31

جي ڏوهه ۾ ڪيس 5 سال قيد جي سزا پڻ ڏني وئي. عدالت ڪيس ۾ شريڪ جوابدارن زبير، شاهد ۽ اسرار کي به عمر قيد جي سزا ٻڌائي. عدالت سمورن جوابدارن کي مقتول جي وارثن کي في ڪس 20 لک رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو. پراسيڪيوشن موجب 2021ع ۾ شريف آباد جي علائقي ۾ نوجوان اساما گاڏي جي مرمت ڪرائڻ لاءِ ويو هو. جتي جوابدارن مبينا طور ڦر ڪئي. پراسيڪيوشن جو موقف هو ته جوابدار ڦر ڪرڻ ڪانپوءِ واپس آيا ۽ اساما کي فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو. ڪيس ۾ ٽرائل ڪورٽ 2022ع ۾ جوابدارن کي سزائون ٻڌايون هيون. جڏهن ته جوابدارن جي اپيل تي سنڌ هاءِ ڪورٽ 2023ع ۾ ڪيس ٻيهر ٽرائل لاءِ ماتحت عدالت ڏانهن موڪليو هو.ٻيهر ٽرائل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت سينٽرل جوابدار بلال کي قتل جي ڏوهه ۾ موت جي سزا ۽ ڊڪيتي جي ڏوهه ۾ 5 سال قيد جي سزا ٻڌائي. جڏهن ته زبير، شاهد ۽ اسرار کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي. عدالت سمورن جوابدارن کي مقتول جي وارثن کي مجموعي طور 80 لک رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو پڻ حڪم ڏنو.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

# آبپاشي انجنيئر ۽ داروغي خلاف جسقم جو احتجاج جو اعلان

## ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم، معافي نه وٺڻ تي بڪ هڙتالي ڪئمپ قائم ڪرڻ جو فيصلو

## جسقم شهيد بشير خان جي تعلقي باڊي جو گڏيل هنگامي اجلاس ضلعي صدر محمد خان پناڻ جي صدارت هيٺ ٿيو

## اجلاس ۾ اڳواڻن آبپاشي انجنيئر امتياز پرڙي ۽ داروغي دادو لاشاري پاران منظور ميمڻ سان مبينا بدتميزي ۽ ڪيس موت مار ڌمڪيون ڏيڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

سجاول :(رپورٽ: امتياز ميمڻ) آبپاشي انجنيئر ۽ داروغي خلاف جسقم جو احتجاج جو اعلان. ٽن ڏينهن جو الٽيميٽم، معافي نه وٺڻ تي بڪ هڙتالي ڪئمپ قائم ڪرڻ جو فيصلو خبرموجب: جسقم شهيد بشير خان جي ضلعي سجاول پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

### سنڌ منهنجي امان عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي بدين ويندي

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر)سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران. سنڌ ڪي ورهائڻ واري سازش خلاف سنڌ ۾/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

### 31ورهين جي لڇمي زال هرڪو ڪولهي اندر ڦاهو ڪائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ٽنڊوغلام حيدر(رپورٽر) ٽنڊي غلام حيدر ويجهو ڳوٺ احمد علي ٽالپر مبيناطور غربت ڪان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

# سوئي سدرن گيس ڪمپني گهارو سب زون پاران غير قانوني گيس ڪنيڪشن خلاف ڪارروائي

## شهرين کي بار بار اپيلون ڪرڻ باوجود ڪجھ ماڻهو غير قانوني ڪنيڪشن لڳائي رهيا آهن : اقبال احمد ڪرناڻي

## هن چوري جو سڌو نقصان انهن قانوني صارفين کي ڀوڳڻو پوي ٿو، جن جا ميٽر لڳل آهن ۽ جيڪي باقاعدي بل ادا ڪن ٿا

## گهارو شهر ۾ اڄ ڪيل آپريشن دوران 250 کان وڌيڪ غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا آهن

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) سوئي سدرن گيس ڪمپني گهارو سب زون پاران غير قانوني گيس ڪنيڪشن خلاف سب زونل مينيجر اقبال احمد ڪرناڻي جي اڳواڻي ۾ اسٽاف سميت گهارو شهر جي مختلف علائقن ۾ ڪارروائي ڪندي 250 جي ل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

### چاچرو جي مختلف ڳوٺن جي ٻوناٽن ۽ اسڪول ويندڙ شاگردن جو ريلوي انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو

### هنجتل، پاڏاڙو ۽ اوگهي جو پار ڏانهن ويندڙ روڊ تباهه ٿي ويو آهي. علائقي واسين جو احتجاج

### 200 کان 300 شاگردن جي زندگين کي چوويهه ڪلاڪ خطرو آهي ۽ حادثا معمول بڻجي ويا، ڳوٺاڻا

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو)چاچرو جي مختلف ڳوٺن جي ٻوناٽن ۽ اسڪول ويندڙ شاگردن جو ريلوي انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو چاچرو: ريلوي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

# ڳاڙهي مرچ جا اگهه انتهائي گهٽجڻ سبب آبادگار سخت مالي بحران ڪي منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا

## ڳاڙهي مرچ جا مناسب اگهه نه ملڻ ڪري آبادگارن لاءِ فصل تي آيل پيداواري خرچ به پورا ڪرڻ ڏکيا ٿي پيا آهن

## گذريل سالن دوران 18 هزار کان 20 هزار رپيا في مڻ تائين وڪرو ٿيندڙ ڳاڙهي مرچ هن سال لڳ ڀڳ 9 هزار رپيا في مڻ جي اگهه تي وڪرو ٿي رهي آهي

## جيڪو وڌندڙ پيداواري خرچن جي ڀيٽ ۾ انتهائي گهٽ آهي، اگهن ۾ وڏي گهٽتائي سبب آبادگارن جي آمدنيءَ تي وڏو اثر پيو آهي

نئون ڪوٽ (رپورٽ نويد بجير) ملڪ جي اهم مرچ منڊين ۾ شمار ٿيندڙ نئون ڪوٽ جي مرچ منڊيءَ ۾ هلندڙ سال ڳاڙهي مرچ جا اگهه انتهائي گهٽجڻ سبب آبادگار سخت مالي بحران ڪي منهن ڏيڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. سال جي اهم ۽ مناف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

# ڪينجهر ڍنڍ ۾ پرديسي پکين جي شڪار خلاف وائلڊ لائيف کاتي جي ڪارروائي

## پرديسي پکين کي ڦاسائڻ لاءِ لڳايل ڄار وائلڊ لائيف کاتي جي گيم انسپيڪٽر علي شاهه پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪارروائي ڪندي ڪيدي ساڙي ڇڏيا

## ٽيم کي ڏسي مبينا طور پکين جو شڪار ڪندڙ ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي فرار ٿي ويا

## گيم انسپيڪٽر علي شاهه پنهنجي ٽيم سان گڏ پرديسي پکين جي غيرقانوني شڪار کي روڪڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪندي شڪارين خلاف گهيرو تنگ ڪري ڇڏيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪينجهر ڍنڍ ۾ پرديسي پکين جي شڪار خلاف وائلڊ لائيف کاتي جي ڪارروائي غيرقانوني ڄار (رڇ) ڪيدي ساڙيا ويا، تفصيل موجب ڇليا پرسان ڪينجهر ڍنڍ ۾ پرديسي پکين کي ڦاسائڻ لاءِ لڳايل ڄار وائلڊ لائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

# ڪراچي پوليس جو مڪلي ۾ مزدورن جي گهرن تي ڇاپو، عورتن تي تشدد جو الزام

## پوليس جي وڏي نفري مبينا طور مخبر جي غلط نشاندهي تي رات هڪ وڳي ٻن مزدورن جي گهرن ۾ داخل ٿي عورتن کي تشدد جو نشانو بڻايو

## پوليس اهلڪار بنا وارنٽ ۽ ليڊي پوليس جي گهرن ۾ داخل ٿيا ۽ عورتن کي بسترن تان اٿاري تشدد ڪيو

## متاثر عورت حڪميه زال اياز شاهه ۽ اياز شاهه موجب پوليس هڪ نوجوان اياز شاهه کي به گرفتار ڪري ٿاڻي تي منتقل ڪيو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) ڪراچي پوليس جو مڪلي ۾ مزدورن جي گهرن تي ڇاپو، عورتن تي تشدد جو الزام، بيگناهه نوجوان حراست بعد آزاد مڪلي ۾ شيخ عالي درسگاهه پرسان ڪراچي پوليس جي وڏي نفري مبينا طور مخبر جي غلط نشانده/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

# مڪلي ورڪشاپ ۾ رات دير سان هڪ گهر تي مبينا ايس ايڇ او مڪلي جو ڇاپو

## مڪلي ورڪشاپ واري علائقي ۾ رات دير سان ايس ايڇ او مڪلي پاران هڪ گهر تي مبينا ڇاپو

## معذور عورت راڻي بانو، سنڌس ناني امتياز علي خاصخيلي ۽ 10 مهينن جي معصوم نياڻي نايا کي گرفتار ڪري مڪلي ٿاڻي منتقل ڪرڻ جو معاملو سامهون آيو

## گرفتار ٿنهي ڄڻن کي مبينا طور رات تقريبن هڪ وڳي آزاد ڪيو ويو. آزادي ڪانپوءِ معذور عورت راڻي بانو پاران وڊيو بيان جاري ڪيو ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو) مڪلي ورڪشاپ ۾ رات دير سان هڪ گهر تي مبينا ايس ايڇ او مڪلي جو ڇاپو معذور عورت راڻي بانو سميت ٽن ڄڻن جي گرفتاري، رات هڪ وڳي آزادي. مڪلي ورڪشاپ واري علائقي ۾ رات دير سان ايس ايڇ او مڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

# جمعيت علماءِ اسلام ضلعي ٺٽي ۽ تعلقي گهوڙاباري جي قيادت جو گڏيل دورو

## محمد اشرف چانڊيو جو هڪ باوقار ۽ پروقار گڏيل اجلاس مسجد قدير النساءَ (ڳوٺ حاجي گهرام چانڊيو) ۾ بعد نمازِ مغرب منعقد ڪيو ويو

## مارچ 2027ع سکر ۾ منعقد ٿيندڙ تاريخي "امن عالم اجتماع" جي حوالي سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تحرڪ پيدا ڪيو پيو وڃي

گهوڙاباري (شاهه خالد ڏاتاري) جمعيت علماءِ اسلام ضلعي ٺٽي جي قيادت پاران تعلقي گهوڙاباري جو ٻن ڏينهن وارو تفصيلي تنظيمي دورو ڪيو ويو. جنهن دوران تعلقي جي تمام يونٽن جو جائزو ورتو ويو. دوري جي ٻي ڏينهن تي يونٽ عمر چانڊيو ۽ يونٽ مولوي محمد اشرف چانڊيو جو هڪ باوقار ۽ پروقار گڏيل اجلاس مسجد قدير النساءَ (ڳوٺ حاجي گهرام چانڊيو) ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

### ميرپورخاص ۾ گٽڪي خلاف پوليس جي ڪارروائي، 10 هزار 950 پڙيون هٿ، 2 جوابدار گرفتار

### ايس ايڇ او مهران خدا بخش رانجهاڻي، انچارج 15 عباس علي عباسي سان گڏ باغ مصطفيٰ ڪالوني ۾ ڪارروائي ڪئي

### جتان وڏي مقدار ۾ صحت لاءِ هاڃيڪار پارٽي گٽڪو هٿ ڪيو ويو

ميرپورخاص( بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص پوليس پاران صحت لاءِ هاڃيڪار گٽڪي جي وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي ڪندي وڏي مقدار ۾ پارٽي گٽڪو هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

# ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي ٽنڊو باگو ۾ کليل ڪچهري، شهرين جا مسئلا ٻڌي فوري حل لاءِ حڪم جاري

## پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ميمڻ، مولانا عبدالواحد فاروقي سميت سوين شهرين شرڪت ڪئي

## رابطن کي مضبوط بڻائي ئي ڏوهن جي روڪٿام ۽ عوامي اعتماد ۾ واڌ آڻي سگهجي ٿي

بدين (رجب راهمون) ون ويلنگ، تيز رفتاري ۽ فينسي لائيٽن جي استعمال خلاف ضلعي ۾ 15 ڏينهن واري مهم شروع. شهرين کي سائبر ڪرائ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

# ڪراچيءَ جي نامور، فنڪار، صحافين ۽ اديبن جي دادو پريس ڪلب پاران آجياڻو، اجرڪ ۽ ٽوپين جا تحفا پيش

## ان موقعي تي دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ ۽ ٻين عهديدارن استقبال ڪيو

## ڪين سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپيون اوڍائي ڀرپور مان ڏنو ويو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) ڪراچيءَ مان نامور قومي ڪارڪن، فنڪار، صحافي ۽ ليکڪ پروفيسر انعام شيخ، مشهور فنڪار عرفان علي سمون، /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

# خيرپور گمبوه ۾ آر او پلانٽ ۽ سرڪاري پلاٽ تي مبينا قبضي جو نوٽيس

## بدين واٽر سپلاءِ جي ناقص صورتحال تي به سخت ڪاوڙ

## وارنٽ جاري ڪرڻ سميت وڌيڪ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بدين (. رجب راهمون ) صوبائي محتسب اعليٰ جي ريجنل ڊائريڪٽر بدين ڊاڪٽر نسيم الغني سهتو درخواستگذار مسمات صوبيه خاصخيلي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

# گريوا ضلع ٿرپارڪر جي عارضي باڊي جوڙي ويئي

## جيڪا ٿرپارڪر ضلع جي تعلقن جون چونڊون پڻ ڪرائيندي

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) گريوا ضلع ٿرپارڪر جي عارضي باڊي جوڙي ويئي جيڪا ٿرپارڪر ضلع جي تعلقن جون چونڊون پڻ ڪرائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

# سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ سنڌ جي گڏيل وحدت کي بچائڻ لاءِ رهبر ڪاميٽي پاران جوهي ۾ جاڳرتا ريلي

## درياءَ جا مالڪ اسين آهيون جنهن ڪري ڪنهن کي اهو حق ناهي ته درياءَ تي ڏاڙا هڻي : نياز ڪالاڻي

## جوهي جي او پي پي ايل گيس ڪمپني جي گيس سنڌ بجاءِ پنجاب موڪلي پئي وڃي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش ميمڻ) سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ۽ سنڌ جي گڏيل وحدت کي بچائڻ لاءِ رهبر ڪاميٽي پاران جوهي ۾ جاڳرتا ريلي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

مارچ 2026
سنڌ
رهبر ڪاميٽي جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم بشير)

# روهڙي جي تعلقا هيڊڪوارٽر اسپتال جي زبون حال عمارت جي بهتري

## نئين بلاڪ جي تعمير لاءِ 10 ڪروڙ رپين جي اسڪيمنٽ تحت منصوبي جي منظوري ڏني وئي

## اسپتال جي نئين بلاڪ جي تعمير سال 2027ع ۾ مڪمل ڪري شهرين کي معياري طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جو اعلان

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي جي تعلقا هيڊڪوارٽر اسپتال جي زبون حال عمارت جي بهتري ۽ نئين بلاڪ جي تعمير لاءِ 10 ڪروڙ رپين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

# مردار جانورن کي مبينا طور گهٽ اگهه تي خريد ڪري ڪاسائين تائين پهچائڻ جون شڪايتون سامهون آيون

## علي واهڻ ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ هوٽلن، ڪباب ۽ نهاري وڪرو ڪندڙن تائين پهچائڻ جو خدشو آهي

## خوراڪ جي صفائي گوشت جي معيار ۽ عوامي صحت جي حوالي سان سنگين سوال پيدا ڪري سگهي ٿو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بيمار، ڪمزور ۽ مردار جانورن کي مبينا طور گهٽ اگهه تي خريد ڪري ڪاسائين تائين /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

# نوجوان نجي ميڊسٽي اسپتال ۾ گردن جي تڪليف جي آپريشن دوران فوت ٿي ويو

## اسپتال انتظاميا پاران ڪين مختلف وقتن تي مريض جي حالت بابت آگاهه ڪيو ويو

## جنهن کي علاج لاءِ ڪراچي جي نجي ميڊسٽي اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو

جنگشاهي (رپورٽر ) جنگشاهي پرسان ڳوٺ علي نواز جوکيو جو رهواسي 25 ورهين جو نوجوان ڪراچي جي نجي ميڊسٽي اسپتال ۾ گر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

# عوامي تحريڪ پاران ڪوٽ غلام محمد ۾ عوامي سجاڳي ريلي

## سنڌو درياهه جي پاڻيءَ تي ڌاڙن خلاف ڪوٽ غلام محمد ۾ نادره چوڪ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

## نور محمد خاصخيلي ۽ ٻين اڳواڻي ڪئي، ريلي ۾ عوامي تحريڪ جي ڪارڪنن ۽ شهرين شرڪت

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽ عبدالحميد ڪوسو) عوامي تحريڪ جي هلندڙ عوامي سجاڳي مهم جي سلسلي ۾ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

# نوجوان محمد بخش پٽ اڪو پنهور عرف مامو پنهور شادي پلي پرسان قبول شاهه غازي وٽ موٽرسائيڪل سميت منڙائو ڪينال ۾ ڪري پيو

## جنهن بعد وارثن پاران ميرپورخاص-عمرڪوٽ روڊ بند ڪري احتجاج ڪيو ويو. وارثن ۽ شهري

## ڪينال ۾ مسلسل ماڻهو ڪري ٻڏي رهيا آهن، پر اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ جوڳا حفاظتي انتظام نه پيا ڪيا وڃن

## نوجوان جي ڪينال ۾ ڪرڻ واري واقعي کي هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ وقت گذرڻ ۽ بار بار اطلاع ڏيڻ باوجود امدادي ٽيم دير سان پهتي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص جي پبلڪ اسڪول روڊ جو رهواسي نوجوان محمد بخش پٽ اڪو پنهور عرف مامو پنهور شادي پلي پرسان قبول شاهه غازي وٽ موٽرسائيڪل سميت منڙائو ڪينال ۾ ڪري پيو. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

# ميرپورخاص ۾ 11 ورهين جي ٻار سان مبينا زيادتي ڪيس، مولانا مفتي سليم جي ضمانت واري درخواست رد، معاملو سوشل ميڊيا تي بحث هيٺ

## ٻار جي والد جي الزام موجب، مولانا مفتي سليم ٻار کي پنهنجي گهر سڏي مبينا طور هراسان ڪيو

## بعد ۾ بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، واقعي ڪانپوءِ ٻار جا وارث ۽ پاڙي وارا پوليس سان گڏ نامزد شخص جي گهر پهچي ويا هئا

## جتي هنن قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو. واقعو سوشل ميڊيا تي پڻ بحث جو موضوع بڻيل رهيو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص جي مهراڻ ٿاڻي جي حد جمناداس ڪالوني فيز ٽو ۾ 11 ورهين جي ٻار عبدالهادي پٽ فيضان سان مبينا نامناسب حرڪتن ۽ جنسي زيادتي جي ڪوشش واري ڪيس ۾ نامزد توحيدي مسجد جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22



### اڏيرو لعل پرسان روڊ حادثو، ٻه ڄڻا سخت زخمي، هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي، سول اسپتال منتقل

### اڏيرو لال پرسان ڳوٺ ابوبڪر مورو وٽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا زخمي

### محمد اقبال کي ميڊيڪل ليٽر ڏئي ڪري وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد روانو ڪري ڇڏيو

اڏيرو لال(رپورٽ ثاقب نور ساهووال)اڏيرو لعل پرسان روڊ حادثو، ٻه ڄڻا سخت زخمي، هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي، سول اسپتال منتقل اڏيرو لال پرسان/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

# ميرپورخاص: جامعه نورالقرآن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ جديد ڪمپيوٽر ليب جو افتتاح

## ديني تعليم سان گڏ جديد ٽيڪنالاجي جي سکيا وقت جي اهم ضرورت قرار

## ديني تعليم سان گڏ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي سکيا سان آراسته ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

## مفتي شريف سعيدي پاران جامعه نورالقرآن ۾ جديد ڪمپيوٽر ليب قائم ڪرڻ وارو قدم ساراهه جوڳو ۽ ٻين تعليمي ادارن لاءِ قابلِ تقليد آهي

ميرپورخاص ( بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص جي مشهور عالم دين مفتي شريف سعيدي جي اڳواڻيءَ ۾ جامعه نورالقرآن ۾ زير تعليم شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ جديد ڪمپيوٽر ليب جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جن/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

# ميرپورخاص پريس ڪلب جي صدر نذير پنهور جي اڳواڻيءَ ۾ پريس ڪلب جي وفد عمرڪوٽ پريس ڪلب جو دورو

## خزانچي نظر سميجو، پريس سيڪريٽري ڪانجي مل ۽ رابطا سيڪريٽري سهيل ڪمبار کي مبارڪباد ڏني وئي

## عمرڪوٽ پريس ڪلب جي نئين چونڊيل عهديدارن کي سنڌ جي ثقافتي سڃاڻپ طور روايتي سوکڙي اجرڪ ۽ لونگي پڻ پيش ڪئي وئي

## شاهد حسين خاصخيلي، فنانس سيڪريٽري بلال محمود ۽ پريس ڪلب جو ميمبر طالب شر پڻ موجود هئا

ميرپورخاص ( بيوروچيف سومارسميجو) ميرپورخاص پريس ڪلب جي صدر نذير پنهور جي اڳواڻيءَ ۾ پريس ڪلب جي وفد عمرڪوٽ پريس ڪلب جو دورو ڪري نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪباد پيش ڪئي. ان موقعي تي ع/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

# قمبر لڳ مينهن جي واڙي ۾ ستل نوجوان چورن جي فائرنگ ۾ فوت

## ڳوٺ دائم خان مغيري ۾ چور ڏٽي بخش مغيري جي گهر ۾ گهڙي واڙي مان مينهن چوري ڪري رهيا هئا

## واڙي ۾ ستل گهر ڌڻي جو نوجوان پٽ عمران علي سجاڳ ٿي پيو، مزاحمت تي فائرنگ ۾ فوت ٿي ويو

## مغيري برادري ۽ وارثن لاش ايمبولنس ۾ کڻائي قمبر لاڙڪاڻو باءِ پاس تي ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪئي

قمبر (رپورٽر) قمبر لڳ مينهن جي واڙي ۾ ستل نوجوان چورن جي فائرنگ ۾ فوت قمبر لڳ فتح حيات ميڪڻ ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ دائم خان مغيري ۾ چور ڏٽي بخش مغيري جي گهر ۾ گهڙي واڙي مان مينهن چوري ڪري رهيا هئا ته واڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

# نوابشاهه ۾ 148 مستحق مردن ۽ عورتن ۾ شادي گرانٽ ۽ مستقل بحاليءَ جي مد ۾ 28 لک رپين جا ڪراس چيڪ ورهايا ويا

## سنڌ حڪومت جي هدايتن موجب زڪوات فنڊ شفاف ۽ منصفاڻي طريقي سان حقيقي مستحق ماڻهن تائين پهچايو پيو وڃي : چوڌري ظفر آرائين

## زڪوات جو بنيادي مقصد معاشري جي ڪمزور ۽ پوئتي پيل طبقن جي مدد ڪرڻ، انهن جي ڏکيائين کي گهٽائڻ ۽ سندن زندگيءَ ۾ آسانيون پيدا ڪرڻ آهي

## اڄ ضلعي شهيد بينظير آباد جي 148 مستحق مردن ۽ عورتن ۾ شادي گرانٽ ۽ مستقل بحاليءَ جي مد ۾ 28 لک رپين جا ڪراس چيڪ ورهايا ويا آهن

نوابشاهه (رپورٽر) ڊسٽرڪٽ زڪوات ۽ عشر ڪميٽي شهيد بينظيرآباد جي چيئرمين چوڌري ظفر آرائين پاران پنهنجي آفيس ۾ منعقد ٿيل هڪ تقريب دوران ضلعي جي 148 مستحق مردن ۽ عورتن ۾ زڪوات فنڊ تحت شادي گرانٽ ۽/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

نوابشاهه ۾ 148 مستحق مردن ۽ عورتن ۾ شادي گرانٽ ۽ مستقل بحاليءَ جي مد ۾ 28 لک رپين جا ڪراس چيڪ ورهايا ويا

### سول اسپتال مٺي ۾ مصنوعي ٽنگ لڳائڻ جي مفت ڪئمپ لڳائڻ جو فيصلو

مٺي /ٿرپارڪر(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي ذاتي ڪاوشن سان روٽر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

### ٽنڊوالهيار ۾ جشن جمالو شو جو پروگرام، شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار سنڌ جي مختلف شهرن جيان ٽپال ميزبان چانڊ پاران ٽنڊو الهيار امان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

# سکر ۾ صحت کاتي، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪارروائي

## سچل ٽائون ۾ بنگلي مان 'Not for Sale' دوائن جي وڏي کيپ هٿ، هڪ جوابدار گرفتار

## جاچ جا نتيجا سامهون اچڻ کان پوءِ ئي معاملي جا مڪمل تفصيل واضح ٿي سگهندا

سکر(رپورٽر)سکر ۾ صحت کاتي، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪارروائي، سچل ٽائون ۾ بنگلي مان 'Not for Sale' دوائن جي وڏي کيپ هٿ، هڪ جوابدار گرفتار تفصيل موجب سکر ۾ محڪمه صحت، پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گڏيل ڪارروائي دوران سچل ٽائون ۾ هڪ بنگلي مان مختلف ڪمپنين جي "Not for Sale" دوائن جي وڏ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

# قتل ڪيس ۾ جوابدار کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي موت جي سزا

## عدالت ڪيس ۾ شريڪ جوابدارن زبير، شاهد ۽ اسرار کي به عمر قيد جي سزا ٻڌائي

## جوابدارن کي مقتول جي وارثن کي 80 لک رپيا معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي ( رپورٽر) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت سينٽرل ڊڪيتي دوران فائرنگ ڪري نوجوان کي قتل ڪرڻ واري ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي جوابدار بلال کي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي، جڏهن ته ڊڪيت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31